روزاني
سنڌيار سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) سومر 09 جنوري 2023ع بمطابق 15 جمادي الثاني 1444ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو 227

استيبلشمينٽ حڪومت سان گڏ بيني آ، مُلڪ جي ھڻڻين حالتن جو ذميوار "باجوا "آھي: عمران خان

اسان اڄ جنھن جاءِ تي بيٺا آھيون ان ۾ جنرل (ر) باجوا جو ھٿ آھي، پي ٽي آءِ کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ پوليٽڪل انجنيئرنگ ڪئي پئي وڃي

بدقسمتيءَ سان اسان جي استيبلشمينٽ ماضي مان سبق ناھي سکيو. اڄ ابا اسان کي پوليٽيڪل انجنيئرنگ نظر اچي رھي آھي

خدا جي واسطي ڪير سياسي انجنيئرنگ نہ ڪري، اڄ ايم ڪيو ايم جي ڊڻن کي گڏ ڪيو پيو وڃي، باپ جي پ پ ۾ ضم ٽيڊ جو خبرون اچي رھيون آھن

ڊڪٽ پنجاب ۾ انھن جا ماٺھو فون ڪري پ پ ۾ شموليت جو چئي رھيا آھن. پنجاب ۾ ن ليگ جي حڪومت آڻڻ جي پلاننگ رٽي وئي آھي

کي پي ۾ ھڪ بي گيم ھلي رھي آھي ته جيئن پي ٽي آءِ کي ڪمزور ڪيو وڃي، ان سياسي انجنيئرنگ جو مقصد ۾ سمجھ کان ٻاھر آھي

حڪومتي پاليسين تي تنقيد ڪندي عمران خان اِھا شڪايت ب ڪئي ته اسان جون سگھاريون ڏريون ب انھن سان گڏ آھن. ھي ايڪشن وٺڻ جو وقت آھي

جنرل (ر) باجوا جو ھٿ آھي. ڪراچي ۾ عورت ڪنونشن کي وڊيو لنڪ ذريعي خطاب ڪندي ھن چيو ته بدقسمتيءَ سان اسان جي استيبلشمينٽ ماضي مان سبق ناھي سکيو

لاءِ پوليٽڪل انجنيئرنگ ڪئي پئي وڃي. ھن چيو ته بدقسمتيءَ سان اسان جي استيبلشمينٽ ماضي مان سبق ناھي سکيو

اڄ ابا اسان کي پوليٽيڪل انجنيئرنگ نظر اچي رھي آھي، خدا جي واسطي ڪير سياسي انجنيئرنگ نہ ڪري. اڳوڻي وزيراعظم چيو

ته اڄ ايم ڪيو ايم جي ڊڻن کي گڏ ڪيو پيو وڃي، باپ جي پ پ ۾ ضم ٽيڊ جو خبرون اچي /بقايا پوھو صفحو 2 نمبر 01

لاھور ۾ نوڪري ڊيارڻ جو ڏنو ڏئي ناري سان اجتماعي زيادتي

لاھور (م ڊ) لاھور جي علاقي گجر پورا ۾ نوڪري جو ڏنو ڏئي ڏن جوابدارن عورت کي مبينا زيادتي جو نشانو بڻايو آھي. پوليس موجب عورت جي درخواست تي گجرپورا ٿاني ۾ ڪيس داخل ڪري واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آھي. ايف آءِ آر موجب جوابدار نوڪري جو ڏنو ڏئي عورت کي گھرايو ۽ سائين سان گڏجي زيادتي ڪئي، جوابدار زيادتي /بقايا پوھو صفحو 2 نمبر 03



ڪراچي: اڳوڻو وزيراعظم ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف جو سربراھ عمران خان پريس ڪانفرنس ڪندي

ڪراچي ۾ اسٽريٽ ڪرمنلز خلاف ڪارروائي تيز ڪئي وڃي: وڏي وزير جي آءِ جي پوليس کي ھدايت

شھر جي ھاٽ اسپاٽ، پڪ ڪلاسز ۽ حساس ھنڌن تي پوليس کي مقرر ڪيو وڃي، پوليس جو گشت وڌايو وڃي، ڏوھارين خلاف ڪريڪ ڊائون ڪيو وڃي: وڏو وزير

جنھن ضلعي ۾ اسٽريٽ ڪرائم ۾ اضافو ٿيو آھي ان جي ايس ايس پي ۽ ايس ايڇ او کي تبديل ڪيو وڃي. اسٽريٽ ڪرائم بابت پوليس جي ڊيوٽي جون تصويرون شيئر ڪيون وڃن

ايس ايڇ اوز کي سندن علاقن ۾ ڏوھن جي شرح جي بنياد تي مقرر ڪيو وڃي، سمورن ايس ايس پيز کي گھرجي ته اسٽريٽ ڪرائم ۽ منشيات فروشن خلاف سخت ڪارروائي ڪن

آءِ جي سنڌ کي چيو ويو آھي ته اسٽريٽ ڪرائم خلاف ايس ايس يو کي روڊن تي آندو وڃي، اسٽريٽ ڪرائم خلاف رزرو پوليس ب گشت ڪري: سيد مراد علي شاھ

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاھ آءِ جي سنڌ کي ھدايت ڪئي ته ڪراچي ۾ اسٽريٽ ڪرمنلز خلاف ڪارروائي تيز ڪئي وڃي. سنڌ جي وڏي وزير جيو ته شھر جي ھاٽ اسپاٽ، پڪ ڪلاسز ۽ حساس ھنڌن تي پوليس کي مقرر ڪيو وڃي. پوليس جو گشت وڌايو وڃي. ڏوھارين خلاف ڪريڪ ڊائون ڪيو وڃي. مراد علي شاھ ھدايت ڪئي ته جنھن ضلعي ۾ اسٽريٽ ڪرائم ۾ اضافو ٿيو آھي ان جي ايس ايس پي ۽ ايس ايڇ او کي تبديل ڪيو وڃي. اسٽريٽ ڪرائم بابت پوليس جي ڊيوٽي جون تصويرون شيئر ڪيون وڃن. وڏي وزير جيو ته ايس ايڇ اوز کي سندن علاقن ۾ ڏوھن جي شرح جي بنياد تي مقرر ڪيو /بقايا پوھو صفحو 2 نمبر 04

ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ مڪاني چونڊون 15 جنوري تي ٿينديون

چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا سيڪاٽي محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌائيندو

ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ھاٿي چونڊون ملتوي نہ ٿيندیون ۽ 15 جنوري تي ئي ڪرايون ويندیون

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ مڪاني چونڊون 15 جنوري تي ئي ٿينديون. اليڪشن ڪميشن تيارين مڪمل ڪري ورتيون. اليڪشن ڪميشن ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ 15 جنوري تي مڪاني چونڊون ڪرائيندو. موجب چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا سيڪاٽي محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌائيندو / بقايا پوھو صفحو 2 نمبر 08

آصف زرداري سان بلوچستان جي سياسي اڳواڻن جي ملاقات

اڳوڻي صدر اھم اعلان تي بلوچ اڳواڻن کي مبارڪباد پڻ ڏني

پيپلزپارٽي ھميشہ بلوچستان جي حقن لاءِ جدوجھد ڪئي آھي

اسلام آباد (م ڊ) اڳوڻي صدر آصف علي زرداري سان ملاقات ۾ بلوچستان جي اھم سياسي اڳواڻن پ پ ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪيو آھي. آصف زرداري اھم اعلان تي بلوچ اڳواڻن کي مبارڪباد پڻ ڏني. پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ بلوچستان جي اھم سياسي شامل ٿيندڙن ۾ سردار فتح محمد. نوابزاده گزين مري. طاھر محمود. نوابزاده جمال رئيسائي. مير فريد /بقايا پوھو صفحو 2 نمبر 11



اسلام آباد: نائي وارو وفاقي وزير اسحاق ڈار صحافين جي سوالن جا جواب ڏيندي

پاڪستان جا مٽا سٽا وارا ذخيرا 4 نہ پر 10 ارب ڊالر آھن: اسحاق ڈار

ڪمرشل بئنڪن ۾ پيل 6 ارب ڊالر ب پاڪستان جا آھن. پاڪستان جا نائي جي مٽا سٽا وارا ذخيرا 4 نہ پر 10 ارب ڊالر آھن

قرض ادائگيون وقت تي واپس ڪري رھيا آھيون، آءِ ايم ايف جو وفد جلد پاڪستان جو دورو ڪندو: نائي وارو وفاقي وزير

سعودي عرب سوڏو دوست ملڪن مان فنڈز پاڪستان منتقل ٿيڻ بعد نائي جي مٽا سٽا وارا ذخيرا مستحڪم ٿي ويندا

اسلام آباد (م ڊ) نائي وارو وفاقي وزير اسحاق ڈار چيو آھي ته پاڪستان جا نائي جي مٽا سٽا وارا ذخيرا 4 نہ پر 10 ارب ڊالر آھن. ڪمرشل بئنڪن ۾ پيل 6 ارب ڊالر ب پاڪستان جا آھن. پاڪستان جا نائي جي مٽا سٽا وارا ذخيرا 4 نہ پر 10 ارب ڊالر آھن. قرض ادائگيون وقت تي واپس ڪري رھيا آھيون. آءِ ايم ايف جو وفد جلد پاڪستان جو دورو ڪندو. نائي وارو وفاقي وزير اسحاق ڈار چيو آھي ته آءِ ايم ايف اختيارين سان /بقايا پوھو صفحو 2 نمبر 09



ڪراچي: سنڌ جو وڏو وزير مراد علي شاھ اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي

ڪراچي ۾ حيدرآباد ۾ 15 جنوري تي ٿينڈڙ مڪاني چونڊن لاءِ تيارين مڪمل

چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا جي سربراھي ۾ بينچ محفوظ ڪيل فيصلو سيڪاٽي ٻڌائيندي

اليڪشن ڪميشن ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ٿنڊيي چونڊ لاءِ تيارين مڪمل ڪري ورتيون آھن: ذريعا

اسلام آباد (رپورٽر) اليڪشن ڪميشن ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ 15 جنوري تي مڪاني چونڊون ڪرائڻ لاءِ سمورين تيارين مڪمل ڪري ورتيون /بقايا پوھو صفحو 2 نمبر 16

ڊڪٽ وزيرستان ۾ ٽارگيٽ ڪلنگ ۽ لاقانونيت خلاف ڏرٽو جاري

ڏرٽي ۾ پيپلز پارٽي، اي اين پي، جماعت اسلامي، بي ٽي ايم ۽ قبائلي عمائدين جي وڏي اڪ شرڪت ڪئي

جيڪڏھن امن قائم نہ ٿيو ته ھو مري ويندا، انگور اڏا ھاڻ وي سميت اھم شاھراھن کي بند ڪيو ويندو

پشاور (م ڊ) ڊڪٽ وزيرستان جي رسٽم بازار وانا ۾ ٽارگيٽ ڪلنگ. اغوا ۽ لاقانونيت خلاف ڏرٽو جاري آھي. ڏرٽي ۾ پيپلز پارٽي. اي اين پي. جماعت /بقايا پوھو صفحو 2 نمبر 19

پاڪستان: ڪورونا جا وڌيڪ 18 ڪيس رپورٽ ٿيا، فوتگي ناھي ٿي

پاڪستان ۾ ڪورونا وائرس جي ڪيسن جي شرح ۾ گھٽتائي جو سلسلو جاري آھي

پاڪستان ۾ ھن وقت تائين 30 ھزار 638 ڪورونا وائرس جا مريض فوت ٿي چڪا آھن

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان ۾ ڪورونا وائرس جي ڪيسن جي شرح ۾ گھٽتائي جو سلسلو جاري آھي. گذريل 24 ڪلاڪن دوران ھن سوڏي وبا سبب ڪو بہ فوتگي جو اطلاع ناھي مليو. ڪورونا جي مريضن جي حوالي سان تيار ڪيل /بقايا پوھو صفحو 2 نمبر 22

ڪراچي ۾ ڪنگس ۽ بجلي جي بندش خلاف ليباري واسين جو سي ايم ۽ گورنر ھائوس تائين مارچ

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي ۾ گئس ۽ بجلي جي بندش خلاف احتجاج ڪندڙ ليباري واسين جو سي/بقايا پوھو صفحو 2 نمبر 10

ملير: بحريا تائون 2 سنڌ ورھائڻ جي سازش قرار

ملير (رپورٽر) ملير ضلع ميونسپل ڪارپوريشن سنڌ انڊيجينيس رائٽس الائنس جو اھم اجلاس عبدالخالق /بقايا پوھو صفحو 2 نمبر 07

ڪراچي ۾ عوام جي مسئلن ۾ صحت جا مسئلا سڀ کان وڌيڪ ڏيان طلب آھن: گورنر سنڌ

ھيلٿ ڪيئر سينٽر جي قيام سان وچولي طبقي کي رليف ملندو. ھتي جديد مرڪز جو قيام ھر علاقي جي ضرورت آھي

صوبي جي ھوڏ متاثرين لاءِ اداري پاران امدادي ڪيمپون قائم ڪرڻ ۽ ھوڏ متاثرين جي مدد ڪرڻ سراھ جوڳو عمل آھي

ڪوشش آھي ته صوبي جي عوام جا مسئلا گھٽ ڪيا وڃن. ان سلسلي ۾ ھر روز مختلف علاقن جو دورو ڪري رھيو آھيان

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري جيو آھي ته ڪراچي شھر ۾ عوام جي مسئلن ۾ صحت جا مسئلا سڀ کان وڌيڪ ڏيان طلب آھن. ان حوالي سان مدني ھيلٿ ڪيئر سينٽر جو قيام خوش آئند قدم آھي. ھن وڌيڪ چيو ته ھيلٿ ڪيئر سينٽر جي قيام سان وچولي طبقي کي رليف ملندو چو ته اھڙن جديد مرڪز جو قيام ھر علاقي جي ضرورت آھي. اھڙن سينٽرز جو قيام خوش آئند قدم آھي. ھن وڌيڪ چيو ته ھيلٿ ڪيئر سينٽر جي قيام سان وچولي طبقي کي رليف ملندو چو ته اھڙن جديد مرڪز جو قيام ھر علاقي جي ضرورت آھي. خطاب ڪندي ڪيو. سنڌ جي گورنر چيو ته خيال جو اظھار ھن فيضان مديني ۾ مدني ھيلٿ ڪيئر سينٽر جي افتتاحي تقريب کي فيضان /بقايا پوھو صفحو 2 نمبر 13



ڪراچي: سنڌ جو گورنر ڪامران خان ٽيسوري منعقد ٿيل سيمينار کي خطاب ڪندي

ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ 15 جنوري تي ٿينڈڙ مڪاني چونڊن لاءِ تيارين مڪمل

چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا جي سربراھي ۾ بينچ محفوظ ڪيل فيصلو سيڪاٽي ٻڌائيندي

اليڪشن ڪميشن ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ٿنڊيي چونڊ لاءِ تيارين مڪمل ڪري ورتيون آھن: ذريعا

اسلام آباد (رپورٽر) اليڪشن ڪميشن ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ 15 جنوري تي مڪاني چونڊون ڪرائڻ لاءِ سمورين تيارين مڪمل ڪري ورتيون /بقايا پوھو صفحو 2 نمبر 16

ڊڪٽ وزيرستان ۾ ٽارگيٽ ڪلنگ ۽ لاقانونيت خلاف ڏرٽو جاري

ڏرٽي ۾ پيپلز پارٽي، اي اين پي، جماعت اسلامي، بي ٽي ايم ۽ قبائلي عمائدين جي وڏي اڪ شرڪت ڪئي

جيڪڏھن امن قائم نہ ٿيو ته ھو مري ويندا، انگور اڏا ھاڻ وي سميت اھم شاھراھن کي بند ڪيو ويندو

پشاور (م ڊ) ڊڪٽ وزيرستان جي رسٽم بازار وانا ۾ ٽارگيٽ ڪلنگ. اغوا ۽ لاقانونيت خلاف ڏرٽو جاري آھي. ڏرٽي ۾ پيپلز پارٽي. اي اين پي. جماعت /بقايا پوھو صفحو 2 نمبر 19

پاڪستان: ڪورونا جا وڌيڪ 18 ڪيس رپورٽ ٿيا، فوتگي ناھي ٿي

پاڪستان ۾ ڪورونا وائرس جي ڪيسن جي شرح ۾ گھٽتائي جو سلسلو جاري آھي

پاڪستان ۾ ھن وقت تائين 30 ھزار 638 ڪورونا وائرس جا مريض فوت ٿي چڪا آھن

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان ۾ ڪورونا وائرس جي ڪيسن جي شرح ۾ گھٽتائي جو سلسلو جاري آھي. گذريل 24 ڪلاڪن دوران ھن سوڏي وبا سبب ڪو بہ فوتگي جو اطلاع ناھي مليو. ڪورونا جي مريضن جي حوالي سان تيار ڪيل /بقايا پوھو صفحو 2 نمبر 22



لاھور: ق ليگ جي صدر چوڌري شجاعت حسين سان جي يو آءِ اڳواڻ عبدالغفور حيدر ملاقات ڪندي

ڪراچي: ناريءَ سنڌ ۾ ٽپو ڏئي آپگھات ڪري ڇڏيو

چاچ دوران چرڪائيندڙ انڪشاف سامھون اچي ويا: ذريعا

ڊاڪٽر شان سليم سارا ملڪ کي جنسي زيادتي جو نشانو بڻايو: ڊاڪٽر

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي سنڌ ۾ ٽپو ڏئي آپگھات ڪندڙ ناري سارا ملڪ جي قتل جي چاچ دوران اھم انڪشاف سامھون آيا آھن. پوليس /بقايا پوھو صفحو 2 نمبر 27

سکر ۾ قورو سستي آٽي جو اسٽال ٻُھاري ويا

سستي آٽي جي عارضي اسٽال تان اڻ قورو آٽي جون ويھ ٽيليون کسي فرار ٿي ويا

عارضي اسٽال تي ھن ڏينھن دوران قُرجواھو ھيو واقعو پيش آيو آھي: ڊسٽرڪٽ فوڊ ڪنٽرولر

سکر (رپورٽر) سکر ۾ قورو سستي آٽي جي اسٽال تان اٽي جون ويھ ٽيليون کسي فرار ٿي ويا. ڊسٽرڪٽ فوڊ ڪنٽرولر موجب سستي آٽي جي /بقايا پوھو صفحو 2 نمبر 29

ڪراچي ۾ ڪاروبار جي ڪٽڪ جو سرڪاري ڪوٽا ٻيٽو ڪري ڇڏيو

پنجاب جي وڏي وزير پرويز الاھي ڪٽڪ ۽ اٽي جي بحران کي منھن ڏيڻ لاءِ فلر ملن کي ڪٽڪ جو روزانو ڪوٽا ٻيٽو ڪري ڇڏيو

سرڪاري اٽي جي سيلز پوائنٽس کي ب ٻيٽو ڪري ڇڏيو. سومر کان 18 لک 40 ھزار ٻوريون سرڪاري اڳھ تي ملندیون

سرڪاري ڪٽڪ فلر ملن کي سنڌ طلب کان وڌيڪ جاري ڪئي ويندي، پرويز الاھي اھو ب چيو ته سرڪاري ڪوٽا وڌائڻ سان خانگي ڪٽڪ ۽ اٽي جا اگھ گھٽجي ويندا

لاھور (م ڊ) اٽي ۽ اٽي جو بحران ختم ڪرڻ لاءِ پنجاب جي وڏي وزير پرويز الاھي فلر ملن کي ڪٽڪ جو روزانو ڪوٽا ٻيٽو ڪري ڇڏيو پنجاب جي وڏي وزير پرويز الاھي ڪٽڪ ۽ اٽي جي بحران کي منھن ڏيڻ لاءِ فلر ملن کي ڪٽڪ جو روزانو /بقايا پوھو صفحو 2 نمبر 24

جماعت اسلامي ڪراچي ۾ مڪاني چونڊون فوج جي نگراني ۾ ڪرائڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

ڪراچي ۾ پندرنھن جنوري تي مڪاني چونڊون ٿي رھيون آھن پر حڪومت چونڊون ملتوي ڪرائڻ جي پوري ڪوشش ڪري رھي آھي: حافظ نعيم الرحمان

پر ڪيو ايم جو ڪلھو استعمال پيپلز پارٽي مڪاني چونڊون ڪان ڇڪڻ جو رستو اختيار ڪري رھي آھي پر اسان ائين ٿيڻ نہ ڏينداسين: جماعت اسلامي جو امير

صوبائي وزير ناصر شاھ حسين خاطر ڪرائي آھي ته چونڊون وقت تي ٿينديون. ڪراچي جي حالتن جون پ پ ۽ ايم ڪيو ايم ذميوار آھن شھري جي بربادي ۾ انھن جو ئي ھٿ آھي

ڪراچي (م ڊ) جماعت اسلامي ڪراچي جي امير حافظ نعيم الرحمان مڪاني چونڊون فوج جي نگراني ۾ ڪرائڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو آھي. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي حافظ نعيم الرحمان چيو آھي ته ڪراچي ۾ پندرنھن جنوري تي /بقايا پوھو صفحو 2 نمبر 25



ڪراچي: جماعت اسلامي ڪراچي جو امير حافظ نعيم الرحمان پريس ڪانفرنس ڪندي

وزيراعظم پاڪستان سان جنيوا ڪانفرنس بابت ايم ڊي جي ڳالھ ٻولھ ٿي: آئي ايم ايف

وزيراعظم شھباز شريف ايم ڊي آءِ ايم ايف سان 9 جنوري تي جنيوا ۾ ٿينڈڙ ڪانفرنس جي حوالي سان ڳالھ ٻولھ ڪئي

ايم ڊي آءِ ايم ايف پاڪستان ۾ ٻوڏ سبب سڏي ريت متاثر ٿيل ماٺھن سان ھمدردي جو اظھار ڪيو آھي: آءِ ايم ايف جو ترجمان

جنيوا ڪانفرنس جي موقعي تي آءِ ايم ايف جي وفد جي پاڪستان جي ناٽي وارو وزير اسحاق ڈار سان ب ملاقات جو امڪان آھي

ٽيوٽر ڪ (م ڊ) آئي ايم ايف جي ترجمان جو چوڻ آھي ته وزيراعظم پاڪستان سان ايم ڊي آءِ ايم ايف جنيوا ڪانفرنس جي حوالي سان تعميري ڳالھ ٻولھ ڪئي. آءِ ايم ايف جي ترجمان جو چوڻ آھي ته وزيراعظر /بقايا پوھو صفحو 2 نمبر 14

مونس الاھي ۽ سندس خاندان تي دٻاءُ وجھڻ لاءِ ھراسان ڪيو پيو وڃي: فواد چوڌري

تحريڪ انصاف اُن عمل جي مذمت ڪري ٿي، موجوده حڪومت کي برقرار رکڻ لاءِ استبلشمينٽ وٽ طاقت جي استعمال کان سواءِ ٻيو ڪرسٽو ناھي

اھڙو ظلم وڌيڪ دير تائين نہ رھي سگھندو. مونس الاھي ۽ سندس خاندان تي دٻاءُ وجھڻ لاءِ ھراسان ڪيو پيو وڃي

سنڊس دوست کي ڪنيي گھ ڪيو ويو آھي ۽ اِھو سڀ ڪجھ پي ڊي ايم جي حمايت تي مجبور ڪرڻ لاءِ ڪيو پيو وڃي

اسلام آباد (م ڊ) پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري ۽ سندس خاندان تي دٻاءُ وجھڻ لاءِ ھراسان ڪيو پيو وڃي. تحريڪ انصاف چيو آھي ته مونس الاھي ۽ سندس خاندان تي دٻاءُ وجھڻ لاءِ ھراسان ڪيو پيو وڃي. فواد چوڌري جيو ته موجوده حڪومت کي برقرار رکڻ لاءِ /بقايا پوھو صفحو 2 نمبر 15

اسلام آباد: پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري پريس ڪانفرنس ڪندي

پارٽي فوج جي رياستي دھشتگردي جاري، وڌيڪ ٻہ ڪشميري شھيد

سرينگر (م ڊ) والاريل ڪشمير ۾ قابض پارٽي فوج رياستي دھشتگردي جاري رکندي وڌيڪ ٻن /بقايا پوھو صفحو 2 نمبر 18

ٻڌي ۾ شادي تقريب. صرف عمران پراجيڪٽ جا سمورا ڪردار شريڪ. وڌيڪ ٻہ ڪشميري شھيد

لاھور (م ڊ) راولپنڈي ۾ عمران پراجيڪٽ جا سمورا ڪردار گڏ ٿي ويا. جڏھن ته پي ٽي آءِ ڪانسواءِ ڪنھن ٻي پارٽي جو اڳواڻ يا حڪومت جو /بقايا پوھو صفحو 2 نمبر 20

سنڌ آبادگار بورڊ پاران وزيراعظر جي اعلائيل آبادگار پئڪيج تي سخت خدشن جو اظھار

حيدرآباد (م ڊ) سنڌ آبادگار بورڊ وزيراعظر واري آبادگار پئڪيج تي سخت خدشن جو اظھار ڪندي ان تي عملدرآمد جي چٽي نموني وضاحت گھري ورتي آھي. جڏھن ته اٽي جي بحران کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪٽڪ جي پيداوار وڌائڻ لاءِ سنارڙشن ٻڌ ڪري ڇڏيون آھن. سنڌ آبادگار بورڊ پيداواري خرچن ۾ لاڳيتو ٽينڈڙ واڌ کي خوراڪ جي تحفظ لاءِ ھاڃيڪار قرار ڏيندي ان سان /بقايا پوھو صفحو 2 نمبر 28

ڪراچي: جماعت اسلامي ڪراچي جو امير حافظ نعيم الرحمان پريس ڪانفرنس ڪندي

سنڌ واسي اٽي لپ لاءِ دربدر. مظاھرا ۽ ڌرٽا

سنڌ ۾ اٽي جو بدترين بحران برقرار آھي. حڪومت جو اعلائيل سستو آٽو ب عوام کي نہ ملي سگھيو آھي

سنڌ واسي اٽي لپ لاءِ دربدر آھن. مختلف شھرن ۾ لڳايل سستي اٽي جي اسٽالز تي خلق اُتليل آھي

جيڪب آباد. قمبر. شھدادڪوٽ ۽ ٽل ۾ سياسي سماجي تنظيمن. شھرين جي سڏ تي احتجاجي مظاھرا ڪري ڌرٽا ھنيا ويا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ اٽي جو بدترين بحران برقرار آھي. حڪومت جو اعلائيل سستو آٽو ب عوام کي نہ ملي سگھيو آھي. سنڌ واسي اٽي لپ لاءِ دربدر آھن. مختلف شھرن ۾ لڳايل سستي اٽي جي اسٽالز تي خلق اُتليل آھي جيڪب آباد. قمبر /بقايا پوھو صفحو 2 نمبر 23

بن ويلن جي ڪيي لاءِ پھرين شھادت سنڌ ۾ ٿي: شيخ رشيد

ڪابينا اٽي جو ھڪ ٽيلھو ب نہ ٿي ڏئي سگھي. 100 ڏينھن ۾ اليڪشن جو اعلان نہ ٿيو تہ تباھي ٿيندي

جنھن جا ذميوار اھي حڪمران ھوندا. ناٽي جا مٽاسٽا وارا ذخيرا 4 ڏھائي 5 ارب ڊالرز ٿيا آھن: پي ٽي آءِ اڳواڻ

جيڪي 2 ڏينھن جي گھٽ امپورٽ جو نتيجو آھي: عوامي مسلم ليگ جو سربراھ شيخ رشيد احمد

اسلام آباد (ر ڊ) عوامي مسلم ليگ جي سربراھ ۽ عمران خان جي اھر سياسي سائي لاءِ پھرين شھادت سنڌ جي شھر ميرپورخاص ۾ ٽي. 76 رڪني ڪابينا اٽي جو ھڪ ٽيلھو ب نہ ٿي /بقايا پوھو صفحو 2 نمبر 26

ميرپور ساڪرو: بن موٽرسائيڪلن ۾ آمھون سامھون ٽڪر. ھڪ ڇٽو فوت

ميرپور ساڪرو (م ڊ) ساڪرو ڪيٽي بندر روڊ بھارا پرسان بن موٽرسائيڪلن ۾ آمھون سامھون زوردار ٽڪر جنھن جي نتيجي ۾ ھڪ ڇٽو فوت ھڪ ڇٽو زخمي خبرموجب ميرپور ساڪرو ڪيٽي بندر روڊ بھارا پرسان بن موٽرسائيڪلن جو آمھون سامھون ٽڪر ٿي پيو. جنھن جي نتيجي ۾ حاجي محمد عمر سمون فوت ۽ عظير جلباڻي زخمي ٿي پيو. جڏھن ته فوتي /بقايا پوھو صفحو 2 نمبر 30

اسلام آباد: عوامي مسلم ليگ جو سربراھ شيخ رشيد احمد پريس ڪانفرنس ڪندي

نوشهروفيروز ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ اميدوارن پاران آفر آرڊر نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

عرفان علي چوهاڻ، شاهنواز سيال، آفتاب منگريو، دين محمد جتوئي، احسان مستوئي ۽ ٻين ريلي ڪڍي

ڊسمبر کان ٽيون مرحلو شروع ٿيڻو هو پر افسوس ڊي اي ٽيون مرحلو اڃا تائين شروع ناهي ڪيو: مظاهرين

نوٽيس وٺي ايس اين اي منظور ڪري 40 کان وڌيڪ پاس وارن کي آفر آرڊر ڏئي بي چيني ختم ڪئي وڃي

نوشهروفيروز (رپورٽ اسد علي عمراڻي) آءِ بي اي ٽيسٽ 2021ع پاس اميدوارن پاران آفر آرڊر نه ڏيڻ خلاف اميدوارن پاران احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، ريلي الله واري چوڪ کان شروع ٿي شهر جو گشت ڪرڻ بعد پريس ڪلب نوشهروفيروز پهتي، ان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01



نوشهروفيروز: آءِ بي ٽيسٽ اميدوارن پاران آفر آرڊر نه ملڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو

ٽنڊوالهيار ۾ انصاف صرف پهچ وارن لاءِ قانون قائم، ڪيترن ئي مستحقن کي انصاف نه مليو

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ٽنڊوالهيار ۾ انصاف صرف پهچ وارن لاءِ وارو قانون رائج سيد گهراڻي جون عورتون انصاف نه ملڻ تي گهر جي چار ديواري ڦلانگي انصاف لاءِ روڊن تي اچي ويون تفصيل پرير نگر جون سيد گهراڻي جون عورتون پنهنجي گهر جي ڪفالت ڪندڙ مردن لاءِ روڊن تي اچي ويون سنڌ پريس ڪلب ٽنڊوالهيار جي اڳيان احتجاج/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

شڪارپور شهر مقتل گاهه بڻجي چڪو، شهر ۾ هٿياربندن جي فائرنگ، 2 ڄڻا مارجي ويا

گول مارڪيٽ ۾ هوٽل تي ويٺل ماڻهن مٿان اڻ ڄاتل موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا

هٿياربندن جي فائرنگ سبب هوٽل تي ڪم ڪندڙ 50 سالن جو پوڙهيت محمد حسن پنهيار ڌڏي تي مارجي ويو

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) شڪارپور شهر مقتل گاهه بڻجي چڪو آهي، شهر جي وچ ۾ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ ٻه ڄڻا قتل ٿي ويا، اسٽور گنج ٿاڻي جي حد شهر جي انتهائي رش واري علائقي گول مارڪيٽ ۾ هوٽل تي ويٺل ماڻهن مٿان اڻ ڄاتل موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا، جنهن ۾ هوٽل تي ڪم ڪندڙ پنجاهه سالن جو پوڙهيت محمد حسن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

لاڙڪاڻو عوامي اتحاد جي ڪنوينر ڊاڪٽر صفدر عباسي ڏوڪري، باڊهه ۽ نصيرآباد ۽ ٻين علائقن جا دورا

مهانگائي جي طوفان عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، بحران ڪانپوءِ هڪ ٻيو بحران حڪمرانن جي ناڪامي آهي: ڊاڪٽر صفدر عباسي

ميرپورخاص ۾ اٽي جي قطار ۾ بيٺل هڪ شخص جي فوت ٿيڻ تي سخت افسوس آهي، مهانگائي جو سلسلو بند نه ٿيڻ ڪري عوام خودڪشيون ڪري رهيو آهي

حڪمرانن جي ناڪامي ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟ جيڪڏهن اهو سلسلو بند نه ٿيو ته ملڪ لامحدود مسئلن کي منهن ڏيندو: دوري دوران ڳالهيون

لاڙڪاڻو (رپورٽر) جي ڊي اي جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري ۽ لاڙڪاڻو عوامي اتحاد جي ڪنوينر ڊاڪٽر صفدر علي عباسي ڏوڪري، باڊهه ۽ نصيرآباد جي مختلف علائقن جو دورو ڪيو، جنهن دوران هن مختلف برادرين سان تعزيت ڪئي ڏوڪري تعلقي جي ڳوٺ سرائي بهاول خان جت سان باڊهه شهر ۾ الله رکيو ڪانڌڙو سان فوت ٿيلن جي تعزيت ڪري دعا ڪئي. ڊاڪٽر صفدر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

خيرپور ۾ 3 ڏينهن وارو اکين جو ڪيمپ پڄاڻي تي پهتو

خيرپور (ٻر) خيرپور جي جوڙيوال شهر لقمان جي آرائين هائوس ۾ اير ٽي اي ۽ ايپيڪ جي گڏيل سهڪار سان 3 ڏينهن وارو 16 فري احمد اکين وارو ڪيمپ پڄاڻي تي پهتو ڪيمپ ۾ ٽن ڏينهن جي دوران 3608 مريضن جي اوپي ڊي ڪئي وئي جڏهن ته 1541 ڪامياب ۽ جديد آپريشن ڪيا ويا ان موقعي تي مريضن کي لينس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09



لاڙڪاڻو: عوامي اتحاد جي ڪنوينر ڊاڪٽر صفدر عباسي علائقن جا دورا ڪندي

سينارجا ۾ سرڪاري اگهه تي ڪٽڪ ڪوٽا ڪندڙ فلور ملز ۽ اٽي چڪي مالڪان جي داداگيري برقرار

سرڪاري اگهه تي اٽو ڏيڻ کان انڪار، سرڪار پاران ڪٽڪ تي اربين روپين جي سبسڊي باوجود اٽي جو بحران، غريب طبقو پريشان

ڪاتي سنڌ طرفان سرڪاري اگهه تي مني فلور ملز ۽ اٽي چڪين مالڪان کي ملندڙ ڪٽڪ جي ڪوٽا ڪريشن جي ورڇڙهيل

فلور ملز ۽ اٽي چڪي مالڪان به اٽو 120 کان 150 روپين ۾ وڪرو ڪرڻ لڳا، شهر جي سڄاڻ ڌرين پاران نوٽيس وٺڻ جي گهر

سينارجا (رپورٽر) سينارجا ۾ سرڪاري اگهه تي ڪٽڪ ڪوٽا ڪندڙ فلور ملز ۽ اٽي چڪي مالڪان جي داداگيري برقرار، سرڪاري اگهه تي اٽو ڏيڻ کان انڪار، سرڪار پاران ڪٽڪ تي اربين روپين جي سبسڊي باوجود اٽي جو بحران، خوراڪ کاتي سنڌ طرفان سرڪاري اگهه تي مني فلور ملز ۽ اٽي چڪين مالڪان کي ملندڙ ڪٽڪ جي ڪوٽا ڪريشن جي ورڇڙهيل عوام کي ڪو رليف نه مليو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٽنڊومحمدخان ۾ پ ٽ الف ۽ تعليم کاتي پاران تعليم جاڳرتا ريلي

جاڳرتا ريلي ۾ ممبر صوبائي اسيمبلي سيد اعجاز حسين شاهه بخاري پڻ خصوصي طور شرڪت ڪئي

سيني کي وس آهر ڪوشش ڪرڻ گهرجي حڪومت سنڌ مفت تعليم فراهم ڪري رهي آهي: مقرر

اسان سرڪاري اسڪولن جي مالڪي ڪريون ۽ تعليم جي بحالي لاءِ هر ممڪن سهڪار ڪريون

ٽنڊو محمد خان (ڀر مظفر علي بروهي) پ ٽ الف ضلعي ٽنڊومحمدخان ۽ تعليم کاتي پاران تعليم جاڳرتا ريلي پڙهندي سنڌ وڌندي سنڌ جي سري هيٺ مين پرائمري اسڪول کان پريس ڪلب تائين ڪڍي وئي ريلي ۾ ممبر صوبائي اسيمبلي سيد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

سکر آرٽس ڪائونسل ۾ منفرد ڪلاس يڪل اسٽيج ناٽڪ "منتظر" پيش

روهڙي (رپورٽر) سکرآرٽس ڪائونسل ۽ ثقافت کاتي سنڌ پاران ڪلچرل ڪامپليڪس جي سينگار علي سليم آڊيٽوريم ۾ منفرد ڪلاس يڪل اسٽيج ناٽڪ "منتظر" پيش ڪيو ويو، ڊرامو ڏسڻ لاءِ سکر شهر ۽ ڀرپاسي کان آيل ماڻهن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي جن ۾ عورتون ۽ ٻار به شامل هئا. اسٽيج ناٽڪ حسن عباس جو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14



ٽنڊومحمدخان: پ ٽ الف ۽ تعليم کاتي پاران تعليم جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي

وارهه ۾ عوامي تحريڪ ضلعي جي اڳواڻن جو اجلاس منعقد

اجلاس ۾ مرڪزي نائب صدر وڪيل ساجد مهيسر خصوصي شرڪت ڪئي

سنڌ جا وسيلا ٽين وال ڪيا پيا وڃن، سنڌي عوام پنهنجي حقن لاءِ اٿي ڪڙو ٿئي: مقرر

وارهه (رپورٽ طالب حسين چانڊيو) وارهه عوامي تحريڪ ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جو جنرل ڪائونسل اجلاس ضلعي صدر عرفان مناڻ جي صدارت ۾ ٿي گذريو، اجلاس ۾ مرڪزي نائب صدر وڪيل ساجد مهيسر خصوصي شرڪت ڪئي سنڌ جا وسيلا ٽين وال ڪيا پيا وڃن، سنڌي عوام پنهنجي حقن لاءِ اٿي ڪڙو ٿئي، عوامي تحريڪ ضلع قمبر شهدادڪوٽ جو جنرل ڪائونسل اجلاس عوامي هائوس تي ٿي گذريو ان موقعي تي تعلقه وارهه، قمبر ۽ گاجي کهاوڙ جون آرگنائيزنگ باڊي ناهي ذميوار مقرر ڪيا ويا، ضلعي اندر تنظيم سازي کي مضبوط ڪرڻ لاءِ رٿابندي ڪئي وئي. 15 جنوري تي گل پرڙو کان وارهه تائين، 17 جنوري تي آريجن کان وارهه تائين، 20 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

لاڙڪاڻي ۾ سنڌ ايڪشن ڪاميٽي پاران ٻئي ڏينهن به بک هڙتال ڪئمپ قائم

ڪئمپ ۾ سنڌ يونائيٽڊ پارٽي، عوامي جمهوري پارٽي، قومي عوامي تحريڪ، جيئي سنڌ محاذ ۽ ٻين اڳواڻن جي شرڪت

وفاقي حڪومت غيرقانوني نوان صوبا ناهڻ لاءِ ڪاميٽي ناهي جيڪو عمل سنڌي قوم سان دشمني آهي: ڊاڪٽر مظهر مغل/ در محمد برڙو

فوري طور غيرقانوني طور سنڌ ۾ ترسيل افغاني پگهرڙن کي نيڪالي ڏئي نوان صوبا ناهڻ لاءِ جوڙيل ڪاميٽي کي ختم ڪيو وڃي: مطالبو

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ سنڌ ايڪشن ڪاميٽي پاران افغاني پگهرڙن کي سنڌ ۾ ترسائڻ ۽ نوان صوبا ناهڻ لاءِ ڪاميٽي جوڙڻ خلاف ڊويزنل سطح تي شهر جي اسٽيٽ لائيف انشورنس آفيس پرسان 24 ڪلاڪن لاءِ بک هڙتال ڪئمپ قائم ڪئي وئي آهي، جيڪا ڪالهه ٻي ڏينهن به جاري رهي، جڏهن ته ڪئمپ ۾ سنڌ يونائيٽڊ پارٽي، عوامي جمهوري پارٽي، قومي عوامي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

لاڙڪاڻي ۾ مهر برادري جي معززن جي تصويرن جي بيحرمتي ڪرڻ واري عمل خلاف احتجاجي مظاهرو

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ مهر ذات جي ماڻهن طرفان سماجي ورڪرن سان گڏجي ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي جي اسٽيشن ڊائريڪٽر پاران مبينا طور برادري جي معزز شخصيتن جي تصويرن جي بيحرمتي ڪرڻ واري عمل خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، جتي هنن هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي نعريبازي پڻ ڪئي. ان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20



لاڙڪاڻو: سنڌ ايڪشن ڪميٽي پاران قائم ڪيل بک هڙتال ڪئمپ جو ڏيک

بدين ۾ ڊپٽي ڪمشنر جي صدارت هيٺ مڪاني چونڊن بابت اجلاس منعقد

بلدياتي اليڪشن جي تياري پنهنجي آخري مرحلي ۾ داخل ٿي چڪي آهي: ڊپٽي ڪمشنر آغا شاهنوازخان

حدبندين ختم ڪرڻ لاءِ شهري ضلعي انتظاميه سان سهڪار ڪن، شهر ۾ مختلف اٽي چڪين جو پڻ دورو ڪيو آهي

عوام کي سستو اٽو فراهم ڪرڻ لاءِ اٽي چڪي مالڪان کي اسٽال لڳائڻ لاءِ پڻ هدايتون ڏنيون ويون آهن: خطاب

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) ڊي آر او ڊپٽي ڪمشنر بدين آغا شاهنواز خان 15 جنوري تي ٿيندڙ بلدياتي اليڪشن جي تياري جو جائزو وٺڻ لاءِ پنهنجي آفيس ۾ اليڪشن جو سامان بند ڪرڻ جو جائزو ورتو هن چيو ته بلدياتي اليڪشن جي تياري پنهنجي آخري مرحلي ۾ داخل ٿي چڪي آهي هن عوام کي پڻ اپيل ڪئي ته هو 15 جنوري تي ووٽ ڏيڻ لاءِ پنهنجن گهرن مان نڪرن ۽ ووٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

چوٽيارين ۾ روڊ حادثو، معصوم 2 فوت، 3 ڄڻا زخمي

پڙن سان ڀريل ٽرڪ سان سانگهڙ کان لٽڪو موري ڏانهن ايندڙ ڪار سان حادثو ٿي پيو

حادثي جي سبب سالا خميسون وساڻ ۽ 9 سال ٻارڙو خميسون جوڻيجو فوت ٿي ويا

چوٽيارين (رپورٽ ذوالفقار علي شاهه) چوٽيارين روڊ تي ٽرڪ ۽ ڪار ۾ ٽڪر، ڊرائيور ۽ معصوم ٻارڙو فوت 3 زخمي، تفصيل موجب: سانگهڙ چوٽيارين روڊ تي اقبال واٽر لڳ روڊ تي بيٺل پڙن سان ڀريل ٽرڪ سان سانگهڙ کان لٽڪو موري ڏانهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

موروجي مختيارڪار آفيس جي عملي جون من مستيون وڌي ويون

ڪامورن منهنجي 24 ايڪڙ زمين جو ڪاتو بااثر زميندار کي ڦيرائي ڏنو آهي: شمس الدين پٽي

نوٽيس وٺي زمين جو ڪاتو منهنجي نالي تي ڪري قبضو ختم ڪرائي ڏنو وڃي: مطالبو

نوشهرو فيروز (ڊ ر) نيشنل پريس ڪلب (R) مورو مناهي جي غريب جون مختيار ڪار آفيس جي ملازمن کي پٽون ۽ پاراتا مورو جي ننڍڙي شهر مناهي جي رهواسي پيرسن شمس الدين پٽي مورو جي اڳوڻي مختيارڪار ۽ تپيدارن جي نا انصافي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03



نوشهرو فيروز: رهواسي بااثرن خلاف احتجاج ڪندي

ميرپورساڪرو پرسان ننڍڙي ٻار کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام

اغوا ڪار هڪ ٻارڙي کي جهلي پلاسٽڪ جي ٿيلي ۾ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي

ٻار جي رڙين تي جوابدار پاران فرار ٿيڻ جي ڪوشش، ڳوٺاڻن ڪيس پڪڙي ڪري ورتو

ٺٽو (بيورو چيف جاويد ميمڻ) ميرپورساڪرو ويجهو مراداڻي ڳوٺ ۾ ننڍڙي ٻار کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام اغوا ڪار هڪ تي سالا ٻارڙي ڪلير/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ڪشمور پوليس پاران پنجاب واسي حسن رضا ڪوڪر کي بازياب ڪرائڻ جي دعويٰ

ايس ايچ او شفيع محمد بنگوار مبينا پوليس مقابلي دوران مغوي کي بازياب ڪرائي ورتو

ڌاڙيلن سان فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي مغوي کي اغوا ڪار ڇڏي ڪچي طرف فرار ٿي ويا: پوليس

ڪشمور (رپورٽ اصغر علي چانڊيو) ڪشمور ويجهو گيهلپور ٿاڻي جي پوليس پاران مبينا مقابلي دوران اغوا ٿي ويل پنجاب جي سرگودها واسي حسن رضا ڪوڪر کي بازياب ڪرائڻ جي دعويٰ، گيهلپور ٿاڻي جي ايس ايچ او شفيع محمد بنگوار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٽنڊو ميرعلي جي صحافي شفيع محمد ملاح کي ڌمڪيون ڏيڻ خلاف احتجاج

ڊيلر بااثر پاران امتياز ميمڻ صحافي ڌمڪيون ڏيڻ واري عمل جي مذمت ڪيون ٿا: مظاهرين

پاڻ جي بااثر ڊيلر خلاف ڪاروائي ڪري معاملي جي انڪوائري ڪرائي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

سينارجا (الطاف حسين پٽو) ٽنڊوميرعلي جي صحافي شفيع محمد ملاح کي محرابپور جي پاڻ ڊيلر پاران حراسان ڪرڻ ۽ موتمار ڌمڪيون ڏيڻ خلاف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10



سينارجا: صحافي شفيع محمد ملاح کي ڌمڪيون ڏيڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو

گمبٽ پوليس جي ڪارروائي، روپوش جوابدار گرفتار

پوليس ريپ ڪيس ۾ گهربل هڪ جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي

جوابدار غلط نالو ٻڌائي فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي پر پوليس ڪيس گرفتار ڪيو

گمبٽ (رپورٽ عبدالحي شيخ) گمبٽ رن فائيو پوليس انچارج زبير سومرو جي گهجهي اطلاع تي ڪاروائي ڪري رائيپور ٿاڻي جي حد ۾ 2014 ۾ ريپ ڪيس ۾ ملوث روپوش جوابدار گرفتار خبر موجب گمبٽ ون فائيو پوليس گمبٽ رائيپور روڊ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٽنڊو باگو ۾ پروفيسر سراج احمد هاليپوٽو جو ڏيهي ۾ تعزيتي ميڙاڪو

سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ الطاف راهوجو، ضلع صدر رامجي ڪولهي، مهراڻ درس ۽ ٻين جي شرڪت

سراج هاليپوٽو سنڌ جي تاريخ ۾ ننڍي عمر جو تعليمدان ۽ اردو ٻولي جو وڏو شاعر هو: الطاف راهوجو ۽ ٻيا اڳواڻ

ٽنڊوباگو (رپورٽ: سهيل سمون) اڻڄاڻ ڳاڏي جي ٽڪر ۾ شهيد ٿيل سنڌي شاگرد تحريڪ جي اڳواڻ ۽ نٿين ٽهي جي اردو ٻولي جي شاعر پروفيسر سراج احمد هاليپوٽو جو ڏيهي ۾ تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو جنهن کي سنڌي هاري تحريڪ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15



ٽنڊو باگو ۾ پروفيسر سراج احمد هاليپوٽو جو ڏيهي ۾ تعزيتي ميڙاڪو منعقد

گڏاپ ۾ مڪاني چونڊن بابت پ پ اڳواڻن پاران ريلي

ڪراچي سنڌ جو حصو آهي ڪراچي ڪنهن جي جاگير ناهي: محمد ساجد جوکيو

ڪراچي پ پ جو آهي ملير ليارِي سميت ٻين ضلعن ۾ فتح پيپلزپارٽي جي ٿيندي

گڏاپ (رپورٽر) پيپلز پارٽي جي طرفان ڪراچي جي تحت ريلي ڪڍي وئي ريلي جي اڳواڻي سلمان عبدالله مراد صدر پيپلز پارٽي ملير صوبائي وزير محمد ساجد جوکيو سعيد غني وزير بلديات ريلي جي اڳواڻي ڪئي ميمڻ ڳوٺ مان سابقه ناظر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

"گهر ۾ آهن 12 ٻاٽي ڪلواٽي تي گذارو آهي" سوشل ميڊيا تي گيت وائرل

ٽنڊوباگو جي نوجوان راڳي اخلاق احمد خاصخيلي جو اٽي بابت ڳايل گيت وائرل ٿي ويو

شاعر پاران هن گيت ۾ غريب ماڻهن جي بهترين عڪاسي ڪئي آهي: اخلاق احمد خاصخيلي

ٽنڊوباگو (رپورٽ: سهيل سمون) گهر ۾ آهن ٻارهن ٻاٽي ڪلواٽي تي گذارو آهي، ٽنڊوباگو جي نوجوان راڳي اخلاق احمد خاصخيلي پاران اٽي جو اگهه مهانگو ٿيڻ ۽ ملڪ ۾ مهنگائي جوٽ جڙهي وڃڻ تي ڳايل گيت(گهر ۾ آهن ٻارهن ٻاٽي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

مٽياري شهر ۾ سنڌ جو تعليمي ڏهاڙو ملهايو ويو، ريلي

نوجوانن، استادن ۽ شهرين پاران هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي ريلي ڪڍي وئي

اسان وڌ کان وڌ تعليم حاصل ڪري قوم ۽ ملڪ جو نالو روشن ڪريون: مقرر

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) مٽياري ۾ سنڌ جو تعليمي ڏيهاڙو ملهايو ويو - مٽياري شهر جي مين چوڪ تي نوجوان - استادن ۽ شهرين پاران هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي ريلي ڪڍي وئي - ريلي جي اڳواڻي نوان پرتي ٿيندڙ استاد جاويد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21



نوشهرو فيروز: مٽياري شهر ۾ سنڌ جو تعليمي ڏهاڙو ملهايو ويو، ريلي

ٺٽي ۾ سائوٿ ايشيا پارٽنرشپ ۽ عورت فائونڊيشن پاران تقريب منعقد

مهذب شهري تصور ڪرڻ جي اعتبار سان انساني حقن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان هڪ گڏجاڻي ڪوٺائي وئي

تقريب جي دوران نوجوان ڇوڪرن ۾ تشدد کان پاڪ خاندان پيدا ڪرڻ ۽ سٿو ليڊر پيدا ڪرڻ لاءِ آگاهي ڏني وئي

عورت هر قدم تي آزادي چاهي ٿي، چاهي اهو ڪم ڪرڻ جي جڳهه هجي، بازار هجي مردن کي رويو بدلائڻو پوندو: مقرر

ٺٽو (رپورٽ: جاويد ميمڻ) سائوٿ ايشيا پارٽنرشپ ۽ عورت فائونڊيشن پاران ڏکڻ ايشيا پارٽنرشپ پاڪستان ۽ عورت فائونڊيشن جي سهڪار سان ٺٽي ضلعي ۾ هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن کي ٺٽي جي هڪ خانگي تعليمي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23



ٺٽو: سائوٿ ايشيا پارٽنرشپ ۽ عورت فائونڊيشن پاران تقريب منعقد

سکر ضلعي اندر پيرادو ۽ پوليس اهلڪار ڇوڪن جا انچارج بنجي ويا

سکر (رپورٽر) سکر ضلعي اندر پيرادو ۽ پوليس اهلڪار ڇوڪن جا انچارج بڻجي ويا سينيئر اي ايس آءِ نظر انداز مقرر ٿيل انچارجن کي ڇوڪن تي ايندڙ فريادي جي اين سي ب داخل ڪرڻ ن اٿي تفصيل موجب. ايس ايس پي سکر سنگهار ملڪ سکر ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي حدن اندر پوليس جي چوڪن تي اي ايس آءِ بدران پيرادو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

اسانجي خاندان پٽن سان پوري زندگي نڀايو آهي: لالا عبدالستار قريشي

مون ڀهريون ووٽ پيپلزپارٽي کي دادو کان سائيڪل تي چڙهي ڏڙهه پولنگ اسٽيشن ۾ ڏئي آيو هئس

شهيد شاهجهان قريشي جي فيملي لاءِ نوڪري ته پري پر مفت تعليم جي به سهولت نه ڏني وئي

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ سال 2008 ۾ جيئي ڀٽو جو نعرو بلند ڪرڻ تان وقت جي ظالمن پاران معصوم شاگرد شهيد شاهجهان قريشي کي گوليون هڻي شهيد ڪيو ويو شهيد شاهجهان قريشي جو والد تعليم کاتي ۾ 31 سال ڊائريڪٽر فزيڪل ايجوڪيشن جي پوسٽ تي استاد طور خدمتون سرانجام ڏيندڙ رانديڻ جي دنيا ۾ والي بال جو ناميارو رانديگر لالا عبدالستار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

عادلپور ۾ قتل ٿيل عورت مائي زهران چاچڙ جي وارثن پاران احتجاجي مظاهرو

مقتولا عورت جي پائرن ذوالفقار چاچڙ، يدار چاچڙ ۽ ٻين وارثن انصاف جي حاصلات لاءِ احتجاج ڪيو

ڀيڻ کي سندس مڙس محمد صالح چاچڙ ۽ ٻين پسٽل جون گوليون هڻي قتل ڪيو آهي: مظاهرين

معاملي جو نوٽيس وٺي ڀيڻ جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري ساڻن انصاف ڪيو وڃي

عادلپور (رپورٽ اسلم مهر) عادلپور ٿاڻي جي ڳوٺ رحمان چاچڙ ۾ گزريل ڏينهن مبينا طور قتل ٿيل عورت مائي زهران چاچڙ جي وارثن جو عادلپور پريس ڪلب اڳيان جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاج مقتولا عورت جي پائرن ذوالفقار چاچڙ ديدار چاچڙ ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو ته سندن ڀيڻ کي ان جي مڙس محمد صالح چاچڙ پرويز چاچڙ طارق چاچڙ پاران پسٽل جون گوليون هڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26



عادلپور: قتل ٿيل عورت مائي زهران چاچڙ جا وارث احتجاج ڪندي

سکرنڊ ۾ سنڌي گيتن جي سرموڙ شاعر مير محمد پيرزادي جي چوٿين ورسي تقريب

سکرنڊ (رپورٽر) سنڌي گيتن جي سرموڙ شاعر مير محمد پيرزادي جي چوٿين ورسي ۽ سندس ڪتاب " مون ٻريان سين نيهن "جي گڏيل تقريب ٽائون ڪاميٽي سکرنڊ جي هال ۾ مير محمد پيرزادو اڪيڊمي سنڌ سنڌ ٿنڪرس فورم ۽ سنڌي ادبي سنگت پاران محمد حنيف سومرو جي ميزباني ۾ ٿي گذري جنهن ۾ سندس ڪتابن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ڏهرڪي شهر مان اٽي جو بحران، اٽو بليڪ تي وڪرو ٿيڻ لڳو

دڪاندار سرڪاري اگهه بجاءِ من پسند اگهه تي وڪرو ڪرڻ لڳا، انتظاميه نوٽيس نه ورتو

انتظاميه پاران لڳايل سرڪاري ڊيپو تي اٽو اٽليپ، عوام جون قطارون، اٽي بغير موٽڻ تي مجبور

انتظاميه ڪو به تحرڪ نه ورتو عوام فاقا ڪشي تي مجبور، سرڪار کان اٽو سستو ڪرڻ جي اپيل

ڏهرڪي (رپورٽ لالچند موٽواڻي) ڏهرڪي شهر مان اٽي جو بحران، اٽو بليڪ تي وڪرو ٿيڻ لڳو، دڪاندار سرڪاري اگهه بجاءِ من پسند اگهه تي وڪرو ڪرڻ لڳا، انتظاميه پاران لڳايل سرڪاري ڊيپو تي اٽو اٽليپ، عوام جون قطارون، اٽي بغير موٽڻ تي مجبور، انتظاميه ڪو به تحرڪ نه ورتو عوام فاقا ڪشي تي مجبور، سرڪار کان اٽو سستو ڪرڻ جي اپيل خبر موجب ڏهرڪي ۽ ڀرپاسي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

دادو ۾ اٽي سميت کاڌي پيتي جي شين ۾ گاٽي ٽوڙ مهانگائي خلاف احتجاجي مظاهرو

هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي ميونسپل پارڪ کان مارچ ڪري پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو، سخت نعريبازي

سنڌ ۾ اٽي جي هڙادو ڪوٽ پيدا ڪري مسڪين مارئڙن کي پريشان ڪيو پيو وڃي: مظاهرين جون ڌانهون

گاٽي ٽوڙ مهانگائي ڪندڙ منافع خورن خلاف ڪاروائي ڪري غريب پورهيتن کي سرڪاري اگهه تي اٽو فراهم ڪيو وڃي

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ پاڪستان ٽريڊ يونين ۽ بيروزگار نوجوان تحريڪ جي سڏ تي شهرين اٽي سميت کاڌي پيتي جي شين ۾ گاٽي ٽوڙ مهانگائي خلاف هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي ميونسپل پارڪ کان مارچ ڪري پريس ڪلب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29



دادو: اٽي سميت مهانگائي خلاف احتجاج ڪيو پيو

ارشد سليم صوفي يونيورسٽي جو پروفيسر مقرر

سکرنڊ (رپورٽر) شهيد بينظير ڀٽو جنرل يونيورسٽي جو وائيس چانسلر ۽ اڳوڻو چيئرمين بورڊ نوابشاهه ارشد سليم کي صوفي يونيورسٽي شاهه عبداللطيف ڀٽائي يونيورسٽي جو پروفيسر مقرر ڪيو ويو آهي ارشد سليم هڪ تعليم دان اديب دانشور ۽ سلي ساک رکندڙ شخصيت جو مالڪ آهي ارشد سليم نوابشاهه ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

گڏاپ جي صحافي عبدالجبار چانڊيو پاران روضي امام رضا ع جي زيارت ڪرڻ اچڻ تي تقريب

صحافين راهب ڳاهو، دلدار سيلرو، علي محمد پٽو، شفقت نوناري، سعيد پٽو ۽ ٻين کيس مبارڪون ڏنيون

ڪوٺايل اعزازي تقريب ۾ شرڪت ڪندڙن کي ايراني خاص ڪجور تسبيح ۽ ٻيا تحفا پيش ڪيا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي سڄل ڳوٺ ۾ گڏاپ جي صحافي عبدالجبار چانڊيو طرفان ايران مان مقدس روضي امام رضا عليه السلام جي زيارت ڪري واپس اچڻ تي سندس مان ۾ هڪ اعزازي تقريب مقامي هوٽل ۾ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ صحافين راهب ڳاهو دلدار سيلرو علي محمد پٽو شفقت نوناري، سعيد پٽو پ پ اڳواڻ عبدالاحمد جوو ۽ ٻين عبدالجبار چانڊيو کي گلن جا هار پارائي کيس مبارڪ ڏيندي چيو ته اسين عبدالجبار چانڊيو جا شڪر گذار آهيون جنهن مقدس بارگاهه جي زيارت ۾ اسان کي ياد ڪري خصوصي دعائون گهريون جڏهن ته ان موقعي تي صحافي عبدالجبار چانڊيو اعزازي تقريب ۾ شرڪت ڪندڙن کي ايراني خاص ڪجور تسبيح ۽ ٻيا تحفا پيش ڪيا.

راٽيپور ۾ نوجوان سماج سڌارڪ بئريسٽر ظهيرالحسن ڄامڙو جي سالگرهه تقريب

فنڪار اختيار علي خشڪ سروڪيريا ۽ شاعر اوشاق ڄامڙو، بلال مزاري، رمضان عباسي ۽ ٻين شاعرن نڪور شاعري پيش ڪئي

سالگرهه تقريب دوران بئريسٽر ظهيرالحسن ڄامڙو جي 23 ويهين سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽي ڪيس جنم جون مبارڪون ڏنيون ويون

ظهيرالحسن قانون جي ڊگري مڪمل ڪري چڪو آهي پر سندس اندر ۾ سماج سڌارڪ انسان جو عڪس نظر اچي ٿو: مقرر

راٽيپور (رپورٽر) راٽيپور ۾ الحسن فارم هائوس تي نوجوان سماج سڌارڪ بئريسٽر ظهيرالحسن ڄامڙو جي سالگرهه تقريب جي موقعي تي ثقافتي مچ ڪچهري منعقد ڪئي وئي مشاعري ۽ صوفيائي محفل جو اهتمام ڪيو ويو فنڪار اختيار علي خشڪ سر وڪيريا ۽ شاعر اوشاق ڄامڙو، بلال مزاري، رمضان عباسي ۽ ٻين شاعرن نڪور شاعري پيش ڪري پنڊال ۾ ويٺل ماڻهن کان خوب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31



راٽيپور: نوجوان سماج سڌارڪ بئريسٽر ظهيرالحسن ڄامڙو جي سالگرهه تقريب منعقد

گلاب لغاري ۾ بلدياتي اليڪشن جي سلسلي ۾ اميدوارن ورڪ شروع ڪري ڇڏيا

گلاب لغاري (رپورٽر گلزار لغاري) گلاب لغاري جي يوسي مائڪ لغاري تان پيپلزپارٽي جي ٽڪيٽ تي اليڪشن ۾ حصو وٺندڙ ضلع ڪائونسل ميمبر لاءِ زاهد بشير سريوال چيئرمين لاءِ تيمور سريوال وائيس چيئرمين لاءِ اڄي ڪمار لوهاڻو پاران پنهنجي يوسي ۾ ورڪ مهم جو آغاز ڪري ڇڏيو انهي سلسلي ۾ ڳوٺ سارنگ لغاري ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

"پڙهايو تعليم" ڪراچي رورل نيٽ ورڪ پاران جاڳرتا ريلي

ٻارن کي تعليم ڏياريو تعليم هڪ اهڙو زيور آهي جنهن سان جهالت جو خاتمو ۽ انسانيت جو سبق ملي ٿو: اڳواڻ

جتي نياڻين کي تعليم ملي ٿي ان ملڪ ۾ انقلاب اچي ٿو جنهن سان منشيات برائين کان بچي سگهجي ٿو

اچو ته واعدو ڪريون ته تعليم کي عام ڪري مستقبل جو مشعل ٻاريون ۽ جهالت کي ختم ڪري نئين راهه هموار ڪريون

ڪراچي (رپورٽر) گڏاپ جي علائقي مراد ميمڻ ڳوٺ ۾ ڪراچي رورل نيٽ ورڪ جي طرفان 8 جنوري تي ٻار پڙهايو تعليم جي ڏهاڙو ملهائڻ لاءِ جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ پاڪستان خاصخيلي اتحاد جي اڳواڻ يعقوب خاصخيلي اي ڊي او ملير سڪندر گبول پيپلز پارٽي اميدوار ثاقب رحمان ميمڻ سوشل ايڪشن فورم جو چيئرمين رمضان ميمڻ سليم جي ميمڻ چيئرمين يوسي درسانو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

سومر 09 جنوري 2023ع

مون نه ايئن ڪو ڄاتو هو ، سنڌڙي اهڙا ڏينهن به ڏسندي!

سنڌ ۾ وڌندڙ مذهبي منافرت جي روش تي ڪنهن چرڪ ڀري لکيو هو ته "مو ن نه ايئن ڪو ڄاتو هو سنڌڙي اهڙا ڏينهن به ڏسندي!" سنڌڙي جيڪا مذهبي منافرت کان پاڪ ڌرتي،سنڌڙي جيڪا روادار ڌرتي سنڌڙي جيڪا پنهنجي مچي ماني واري ڌرتي،جتي حڪمرانن جي غلط پاليسين سبب هر گند گڏ ٿيندو پيو وڃي جتي هر ڏوهه پلجي رهيو آهي جتي انسانيت موڪلائي رهي آهي،جتي ماڻهو بک وگهي مرڻ شروع ٿيا آهن يا خودڪشي ڪرڻ تي مجبور آهن. ڪنهن کي ڏوهه ڏجي،حڪمرانن کي عوام جي پرواهه ناهي ۽ عوام رڳو انهن لاءِ ووٽ جو ذريعو آهي ۽ موت ۾ ڪين رڳو موت ٿو ملي، اهڙو موت جيڪو ڪڏهن دوا نه ملڻ ڪري ٿي رهيو آهي،اهڙو موت جيڪو پنهنجي ملڪيت بچائيندي ڦورن سان مهاڏو اٽڪائڻ سبب ملي رهيو آهي، اهڙو موت جيڪو پوليس جي رشوت جي فرمائش پوري نه ڪرڻ سبب لاڪ اپ ۾ ٽنگيل لاش جي صورت۾ ملي رهيو آهي،اهڙو موت جيڪو اٽي لپ حاصل ڪرڻ لاءِ ڊوڙندي ڊوڙندي پيهه ۾ چيپاتجي ٿي رهيو آهي. ڪنهن ڪڏهن سوچيو هو ته وسيلن سان مالا مال سنڌ ۽ زرعي صوبي جا ماڻهو پنهنجي ٻچن جي پيٽ جي باهه اجهائڻ لاءِ اٽي جي لپ کي زندگي سمجهي ان جي پويان ڊوڙندي ڊوڙندي موت جي منهن ۾ هليا ويندا ؟ بخشڻ مهراڻوي جي انهن سٽن وانگر "مون نه ايئن ڪو ڄاتو هو سنڌڙي اهڙا ڏينهن به ڏسندي."

هونئن ته ملڪ ۾ مهانگائي جي حالت جيڪا نظر اچي رهي آهي تنهن غريب کان هر اها سهولت کسي ورتي آهي جنهن کي زندگي جي بنيادي ضرورت چيو ويندو آهي پر ڪجهه ڏينهن کان جيڪا اٽي جي اگهه ۾ واڌ ٿي آهي انهي ماڻهن کي جيئڻ لاءِ ڊوڙڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي انهي سستي اٽي جي ٽرڪن پٺيان جيڪا هزارين ماڻهن لاءِ ڪنهن شهر ۾ ڪڏهن ڪڏهن نظر اچن ٿيون. اڄڪلهه سنڌ جي هر شهر ۾ اهڙا منظر آهن جتي ماڻهو سڀ ڪم ڪار ڇڏي انهي سستي اٽي جي ڳولا زندگي وانگر ڪري رهيا آهن جيڪڏهن اهو اٽو نه مليو ته هو ۽ سندن معصوم ٻچا بک وگهي حياتي وڃائي ويهندا جنهن ڪري پنهنجي حياتي جي پرواهه ڪرڻ کانسواءِ ماڻهو ٻچن جي جيئندان لاءِ اهڙي موت جي کوهه ۾ به گهڙي ٿا پون. جنهن ڪري سندن حياتي هر وقت خطري ۾ هوندي آهي.جنهن جو تازو مثال اهي به ٽي واقعا آهن جنهن ۾ هڪ شخص رش ۾ لتاڙجي فوت ٿي ويو آهي ۽ ٽي عورتون اهو سستو اٽو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ پنهنجون چنگهون پچرائي ويٺيون آهن. سنڌ ۾ سرڪارسستو اٽو ملڻ جي دعويٰ ته ڪري رهي آهي پر اهو اٽو ڪٿي ملندي نظر نه ٿواچي جنهن جي شاهدي اهي ڪجهه واقعا آهن ته ڪيئن اهو اٽو حاصل ڪرڻ لاءِ ماڻهو پنهنجي جيءَ کي جوکي ۾ وجهي رهيا آهن. ميرپورخاص ۾ سرڪاري اسٽال تان سستو اٽو وٺڻ لاءِ آيل 9 ٻارن جو پيءُ هرسنگهه ڪولهي رش ۾ لتاڙجي فوت ٿي ويو، جڏهن ته سڪرنڊ ۾ سستو اٽو وٺڻ لاءِ پهتل خلق ۾ عورتون هڪٻئي کي ڌڪا ڏينديون رهيون، جنهن جي ڪري هڪ نينگريءَ سميت 2 عورتون لتاڙجي زخمي ٿي پيون. ٻڌايو پيو وڃي ته عورتن جون چنگهون پچي پيون آهن.سنڌ حڪومت ۽ مقامي انتظاميا جي لاپرواهي سبب صوبي جي اڪثر علائقن ۾ في ڪلو اٽو 150 کان 160 رپين تائين وڪرو ٿي رهيو آهي،اٽو مهانگو ٿيڻ خلاف صوفي فقير، پڊعيدن، ميرو خان، شهدادپور، شيخ پرڪيو ۽ ٻين شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا ڪري ڌرڻا هنيا ويا آهن.

اسان سمجهون ٿا ته سنڌ ۾ ڪڻڪ جي ڪا کوٽ ناهي پر حڪمرانن جي غلط پاليسين ۽ واپارين جي منافعي خوري جي ڪري اٽي جو اهو بحران پيدا ٿيو آهي جنهن جي ڪري سنڌ جا ماڻهو هڪ اهڙي خوف ۾ ورتجي ويا آهن ته ڪٿي سندن ٻچا بک وگهي مرڻ شروع نه ٿيندا جنهن ڪري اهي پنهنجو پاڻ کي موت جي منهن ۾ اڇلي اهو سستو اٽو وٺڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن هي ڪو اتفاقي حادثو ناهي پر اهڙو قتل آهي جيڪو حڪمرانن جي غلط پاليسي ۽ لاپرواهي سبب ٿيو آهي.تنهن ڪري سنڌ سرڪار هن واقعي مان سبق سکي اکيون پٽي ايئن نه ٿئي جو اٽي جي ڳولا ۾ شهري ايئن چيپاتجي فوت ٿيندا رهن.

لاقانونيت بعد به چرچا سياستدانن جا

سيد زوار حسين شاهه

جنهن طرح سان ملڪ اندر جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي شايد ڪڏهن ائين ٿيو هجي ، ملڪ ۾ جهڙي طرح پاڪستان جي سياستدانن عوام جي رت پيئڻ م گهٽتائي ناهي آندي . ائين ٿي معيشت به تباهه ٿي رهي آهي جنهن جا به زميوار اهي سڀ آهن جن جن به ملڪ کي ٻنهي هٿن سان لٽيو آهي ، پر جيڪڏهن هن وقت جڏهن حڪم نامو اڳيان اچي ته هاڻ توهان پنهنجي نجي گاڏي ۾ ٽن ماڻهن کان وڌيڪ نه ٿا ڪٽي سگهو ، يا اجايو گهرن کان گهمڻ نه ٿا نڪري سگهو غير ضروري سفر نه ٿا ڪري سگهو . ته پوءِ اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ملڪ اندر ڇا ٿي رهيو آهي . اهڙي ملڪ ۾ پالا عام ماڻهن کي رليف ڪيئن ملندو . جتي اسپتالن اندر درندا وحشي ويٺجي وڃن ، عام مريضن کي دوا به نه ملي پر ان مٿان بري نظر وجهي ، ان مريض کي بليڪ ميل ڪن ، حراسان ڪن ، جڏهن ته ملڪ اندر ڪنهن مظلوم کي انصاف نه ملي سگهي ته پوءِ اندازو لڳائي سگهون ٿا ته هو ڪهڙي عذاب مان گذرندا هوندا . پوءِ ڪوئي مونکي ٿي سمجهائي ته جيڪڏهن ان ملڪ اندر پنهنجي انا ڪري سياستدان پنهنجن ئي سياستدانن جو رت پيئڻ ڪريشن جا الزام هنن ته پوءِ اسان توهان اندازو لڳائي سگهون ٿا ته اسان سان ڇا ٿيندو . شايد ئي ڪو ماڻهو هُجي، جيڪو پُرامن سماج جي خواهش نه رکندو هُجي! لڳ ڀڳ سڀني ماڻهن جي اِهائي تمنا آهي ته دنيا اسان کي امن پسند، ايماندار ۽ سُلڇڻي شهريءَ طور ياد ڪري. اسان وٽ ميرٽ کي مانُ ملي، ڪرپشن، ڦرلٽ ۽ هيراڦيريءَ کان ائين ئي نفرت ڪئي وڃي، جيئن سُڌريل سماجن ۾ ٿيندو اچي پيو. جيتوڻيڪ اِهو سڀ ناممڪن ناهي، جو دنيا ۾ ڪيترائي اهڙا مثال موجود آهن. خاص ڪري پوئتي پيل ۽ ڪيترين ئي قومون اڄ پوري دنيا ۾ پنهنجو پاڻ مڃائي چُڪيون آهن. بلڪ ايندڙ وقت انهن جي ئي سلامي ڀريندي نظر اچي رهيو آهي. پر پاڻ وٽ اِن قسم جي سوچ کي عملي روپ ڏيارڻ لاءِ ڪا سنجيدگيءَ سان ڪوشش نه ٿي رهي آهي. اسين سڀ خرابين کان ڳالهين جي حد تائين نفرت ته ڪريون ٿا، پر دل عمل لاءِ آماده ناهي. رشوت ته ڄڻ سماج جو لازمي جُز بڻجي وئي آهي. نوڪري وٺڻي هُجي، بدليءَ جو مامرو هُجي، نيڪويا ڪو ٻيو سرڪاري ڪم هجي، اُهو تيستائين ٿيندي ڏسڻ ۾ ناهي ايندو، جيستائين فائيلن سان گڏ پئسا ناهن ڏنا ويندا. حڪومتي سطح تي ڪنهن به قسم جي ڪا چڪاس ناهي، پوليس جي هڪ ننڍڙي مُلازم کان وٺي اعليٰ عهدن تي رهندڙ ماڻهن وٽ جيڪا بي انتها دولت گڏ ٿئي ٿي، تنهن بابت ڪانئڻ ڪو پُڇڻ وارو ناهي هوندو، نه ئي تپيدارن، مختيارڪار يا ڪنهن ڪاموري تي اک رکي ويندي آهي. جنهن کي جيئن وڻندو آهي، تيئن پيو ڪندو آهي جو مُلڪ جو ڪاروهنوار گهڻي وقت کان اهڙي ئي ريت هلندو اچي پيو. انهيءَ وهنوار کي بدلائڻ جون جن جن دعوائون ڪيون، عوام انهن کي اکين تي ويهاريو، سندن هر حرف کي هنيانءَ سان هنڊايو سندن جلسن ۾ شرڪت ڪئي، اِنهيءَ اُميد سان ته هُو جيڪا ڳالهه ڪري رهيا آهن، تنهن تي عمل به ٿيندو پر پوءِ جڏهن عام تائين خود اُنهن جي ئي ڪرپشن جون ڪهاڻيون پهتيون ته خلق کي ڪنن جون پاپڙيون ڇُهٽيون پيون ته مار تبديليءَ جي نانءَ تي اهڙي ويساهه گهاتي!؟ عام ماڻهو جڏهن اعليٰ سطح تي ڪرپشن جون ڪهاڻيون ٻُڌي ٿو ته ردعمل ۾ هُو به قانون جي مخالف هلڻ لڳي ٿو جيتوڻيڪ عام جا ڏوهه ٻنهه پتڪڙا هوندا آهن. اُهو يا ته ڪُنڍيءَ ذريعي بجلي چوري ڪري ٿو يا وري گئس ۽ پاڻيءَ جا غير قانوني ڪنيڪشن جوڙي وهنوار هلائڻ لڳي ٿو. ڪي ٽريفڪ قانون جي ڀڃڪڙيءَ ۾ فرحت محسوس ڪن ٿا ته ڪي ننڍي وڏي ڳالهه تي روڊ بلاڪ ڪري عام جي آزار جو سبب بڻجن ٿا. ۽ اِهو سڀ انڪري ٿئي ٿو جو مٿين سطح تي عوام کي، قانون ۽ آئين جي پاسداري ٿيندي ڏسڻ ۾ نه ٿي اچي. جيڪڏهن اسان جو حڪمران طبقو سڌو ٿي پوي، اُهو قانون جي پاسداري ڪري ته هوند هيٺين سطح تي پاڻمرادو بهتري اچي وڃي. حقيقت اِها آهي ته جيڪڏهن اقتداري سياست جا حامي چاهين ته گهڻو ڪجهه بدلجي سگهي ٿو پر اُن لاءِ هُنن کي پنهنجي عياشين جي قرباني ڏيڻي پوندي، پنهنجي وهنوار ۾ سادگي اختيار ڪرڻي پوندي، پروٽوڪول تي ڪروڙين رپين جي ٿيندڙ خرچ کي ختم ڪرڻو پوندو، ۽ جيڪڏهن ڪنهن کي پروٽوڪول جو ايترو ئي لاچار آهي ته اُن کي اِهو سڀ پنهنجي هڙان وڙان خرچ ڪرڻ گهرجي. سرڪاري آفيسن تي ٿيندڙ خرچ، گڏجاڻين يا ميٽنگس ۾ کاڌي پيتي تي ٿيندڙ خرچ کي به گهٽائڻ گهرجي. ڇو ته مُلڪ جو وڏو طبقو هن وقتن جي مانيءَ لاءِ پريشان آهي، ڇهه ڪروڙ کان وڌيڪ ماڻهو غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاري رهيا آهن. جيڪڏهن اُنهن جي زندگين ۾ حڪمران ڪو بدلاءُ نٿا آڻي سگهن. ته گهٽ ۾ گهٽ اُنهن سان يڪجهتيءَ طور پنهنجا خرچ ته گهٽائي سگهن ٿا. حڪمران اِهو ته ڄاڻندا ئي هوندا ته غربت بُرائين جي ماءُ هوندي آهي. اِها جڏهن سماجن ۾ وڌڻ لڳندي آهي ته اُتي عدم تحفظ جو احساس وڌي ويندو آهي، ماڻهو پنهنجي پيٽ گُذر لاءِ هر اُهو عمل ڪرڻ کان ناهن ڪيٻائيندا، جيڪو قانون جي نظر ۾ ڏوهه هوندو آهي، نتيجي ۾ بدامني، چوري چڪاري، ڌاڙا ڦرون، اغواڪاري ۽ قتل و غارت جو اهڙو سلسلو هلي پوندو آهي، جنهن کي روڪڻ لاءِ وري ڪنهن ڊگهي ڌُڌي جي آپريشن جي ضرورت پوندي آهي. جنهن لاءِ نه رُڳو وڏي رقم خرچ ڪرڻ جي ضرورت هوندي آهي پر سيڪيورٽي ادارن جي اهلڪارن کي جانين جو نذرانو پڻ ڏيڻو پئجي ويندو آهي. پيو ته غربت ڪنهن به رياست لاءِ اڌوهيءَ وارو ڪم ڪندي آهي، جيڪا اندران ئي اندران سماج کي ڪوڪلو ڪري ڇڏيندي آهي ۽ پوءِ ڪنهن وڏي حادثي جي صورت ۾ انتشار ايتري تيزيءَ سان پکڙجڻ لڳندو آهي جو اُن تي ڪنٽرول ڪرڻ ڪنهن جي وس ۾ ناهي رهندو. ارمان ته اِن ڳالهه جو آهي ته اسان جي حڪمرانن کي اِن ڳالهه جو ڪڏهن احساس ئي ناهي رهيو. جنهن ڪري رياست ڏينهون ڏينهن تنزليءَ طرف وڌي رهي آهي. جيڪڏهن اسين پنهنجي رياست ۽ عوام جو سُک ۽ سلامتي چاهيون ٿا ته پوءِ اسان کي پنهنجي روش ۾ تبديلي آڻڻي پوندي، پنهنجن شاهي خرچن کي گهٽائي عوام جي مسئلن تي ڌيان ڏيڻو پوندو. تڏهن ئي اسين ڪنهن قابلِ قدر زندگيءَ جي لائق بڻجي سگهنداسين . مان عرض ڪندس ته سنڌ جنهن ڪافي عرصي کان وٺي وڏيون تڪليفون طعنا برداشت ڪيا آهن ، پر سچ اهو آهي ته جمهوريت جو راڳ ڳائيندڙن به ڏکئي وقت ۾ عوام جي مٿان رحم نه کاڌو ۽ هن وقت به صورت حال انتهائي خراب نظر اچي رهي آهي ، عوام بک بدحالي سبب بک مري رهيو آهي ، پر ڪنهن کي ڪو قياس ئي نه ٿو اچي . الله اڪبر ڇا لکي ڇا لکان ، هن پياري پاڪستا ۾ ڪو ڪنهن جي ٻڌڻ لاءِ تيارئي ناهي ، جنهن کي جيڪو ٿو وڻي سو ٿو ڪري، جيڪڏهن اهڙي صورت حال ئي رهي ته پوءِ عوام جي قسمت به تبديل نه ٿيندي ۽ عوام دربدري واري زندگي پيو گذاريندو

*****

ڪوئي ڪُهي سُپرين، ڪوئي ڪُهڻَ سانُ؛
نيزي هيٺان نينهن جي، پاسي ڪر مَ پانُ؛
ڄُلُ، وڃائي ڄانُ، عاشِقَ! اَجَلَ سامهُون.

ملڪ جو ڏيوالو ڪيندڙ حڪمران

ذوالفقار چانڊيو

اڄ ڪلهه ملڪ جي حالتن تي نظر ڪجي ته هر پاسي تباهي، ڏڪار، بک، بدحالي بيروزگاري واري صورتحال آهي. هر پاسي قتل عام دهشتگردي ڦرلٽ جا واقعا وڌي رهيا آهن. جيڪڏهن مهانگائي جي ڳالهه ڪجي ته هميشه وانگر تيز رفتاري سان وڌي رهي آهي. جنهن کي روڪڻ ڪنهن جي وس جي ڳالهه ناهي. ملڪ اندر بدامني جي باهه اهڙي لڳل آهي جنهن کي وسائڻ ته پري جي ڳالهه آهي پر ڏينهون ڏينهن وڌي رهي آهي جنهن ڪيترن ئي ڳوٺن شهرن گهرن کي تباهه برباد ڪري ڇڏيو آهي. ملڪ اندر انصاف ملڻ مشڪل پر ناممڪن بڻجي رهيو آهي، دنيا اندر پاڪستان انصاف جي فهرست ۾ 128 نمبر تي وڃي پهتو آهي ملڪ جو ڪو اهڙو هڪ به ادارو ناهي جيڪو صحيح طريقي سان عوام جي خدمت ان جي حقن لاءِ ڪم ڪري رهيو هجي. جيڪڏهن جمهوري توڙي آمريتي حڪومتن جي ڳالهه ڪجي ته انهن به ملڪ جي تباهي بربادي ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر ناهي ڇڏي اهي به پنهنجي وس آهر ملڪ کي لٽڻ ڦرڻ تباهه ڪرڻ ۾ هڪ ٻئي کان اڳيرا رهيا آهن. سندن حڪومتي ڪارڪردگي سبب ملڪ تباهي ڪناري وڃي پهتو آهي جنهن ڪري اڄ ملڪ اربين ڊالرن جو قرضي آهي. اهڙين حالتن ۾ ملڪ اندر ترقي ناٿي ڪا شيءِ ناهي. اڄ ڪلهه ملڪي معيشت گهوٽالي جو شڪار بڻيل آهي جنهن سان هر شيءِ جو بحران ۽ روز مره جي شين جي اگهن ۾ رڪارڊ اضافو ٿي رهيو آهي. غير ملڪي ناڻي ڊالر جي قيمت ۾ پڻ رڪارڊ اضافو ٿي رهيو آهي. پاڪستاني ڪرنسي ڏينهون ڏينهن هيٺ وڃي رهي آهي جنهن جي ڪري ملڪ مٿان ڏينهون ڏينهن قرضن ۾ پڻ اربين ڊالرن جو واڌارو ٿي رهيو آهي جنهن جون ذميوار ملڪ مٿان جمهوري توڙي آمريتي حڪومتون آهن جن اقتدار ۾ هوندي عوام جي ٽيڪس جي پئسن مان عياشيون ڪيون. شاهي خرچ ڪيا ان سان گڏوگڏ ملڪ کي ٻنهي هٿن سان لُٽي ڦري ٻاهرين ملڪن ۾ پنهنجون ملڪيتون ناهيون. ايئن ڪٿي چئجي ته وزيرن مشيرن هميشه پنهنجو پيٽ ڀرڻ لاءِ ملڪي ادارن توڙي معيشت جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو آهي سندن شاهي خرچن ملڪ کي تباهه ڪري ڪوڪلو بڻائي ڇڏيو آهي. ملڪ جي چونڊيل اسيمبلي ميمبرن، قومي اسيمبليءَ جي ميمبرن، سينيٽرن يا وري وزيرن مشيرن جي پگهارن سرڪاري الائونس يا جيڪي سرڪاري سهولتون کين مليل آهن اهي ٻاهر ملڪ جي ڪنهن بادشاهه جي بادشاهت کان گهٽ نه آهن سندن پگهارون الائونس رڪارڊ اضافي سان گڏ لکين روپيا کٽي رهيا آهن. پاڻي بجلي گيس سفري سهولتون پيٽرول ڊيزل سڀ سرڪاري طور تي کين مفت ۾ فراهم ڪيو ويندو آهي مطلب ته سندن زندگيءَ جو هر خرچ غريب عوام جي ٽيڪس مان نڪرندو آهي. ايئن ڪٿي چئجي ته عوام جي ووٽن سان چونڊيل نمائندن جي هڪ الڳ دنيا قائم ٿيل آهي جتي کين زندگيءَ جو سڀ سهولتون غريب عوام جي ٽيڪسن مان مفت فراهم ڪيون وينديون آهن ٻئي پاسي غريب عوام آهي جنهن جي هڪ الڳ دنيا قائم ٿيل آهي جتي کين بنيادي سهولتن سان گڏ ڪا به سرڪاري سهولت مفت ۾ ناهي ڏني ويندي ڇو ته غريبن جي دنيا اندر بک بدحالي بيروزگاري غربت موت سستو آهي انهن کي سرڪاري ڪا سهولت ناهي ڏني ويندي سڀ سهولتون صرف وڏن ماڻهن وزيرن مشيرن جي لاءِ مقرر ٿيل آهن

بقايا 01 *

رهيون آهن. ڏکڻ پنجاب ۾ انهن جا ماڻهو فون ڪري پ پ ۾ شموليت جو چئي رهيا آهن. هن چيو ته پنجاب ۾ ن ليگ جي حڪومت آڻڻ جي پلاننگ رٿي وئي آهي، ڪي پي ۾ هڪ ٻي گيم هلي رهي آهي ته جيئن پي ٽي آءِ کي ڪمزور ڪيو وڃي، ان سياسي انجنيئرنگ جو مقصد ۽ سمجهه کان ٻاهر آهي. حڪومتي پاليسين تي تنقيد ڪندي عمران خان اِها شڪايت به ڪئي ته اسان جون سگهاريون ڌريون به انهن سان گڏ آهن. هن چيو ته هي ايڪشن وٺڻ جو وقت آهي. اسان مُلڪ ۾ آزاد چونڊون ۽ پائيدار جمهوريت چاهيون ٿا.

بقايا 02 *

آيو آهي ۽ سندس چوڻ آهي ته نئين سياسي پارٽي جوڙڻ ۽ منهنجي شموليت بابت خبرن ۾ سچائي نه آهي، مان ڪنهن به سياسي پارٽي ۾ شامل نه پيو ٿيان. عليم خان جو چوڻ هو ته چوڌري سرور ۽ جهانگير ترين سان سٺا لاڳاپا آهن پر سياست جو ارادو نه آهي. فلحال سڄو ڌيان فلاحي ڪم تي ڪتل آهي ۽ سياسي مامرن کان پاسي تي آهيان. هن چيو ته ڪنهن به سياسي پارٽي جو حصو آهيان نه ئي ٿيڻ جو ارادو آهي. بنا فرق خدمت ۽ خيراتي ڪمن لاءِ فائونڊيشن جي سرپرستي ڪري رهيو آهيان، فلحال سياست ۾ متحرڪ ٿيڻ جو ڪو ارادو نه آهي. ٻئي پاسي جهانگير ترين گروپ جي اڳواڻ عون چوڌري به نئين پارٽي ناهڻ وارين خبرن جي ترديد ڪري ڇڏي آهي. چوڌري عون موجب جهانگير ترين، عليم خان يا چوڌري سرور ڪا نئين پارٽي نه پيا ناهين، اسان هن وقت حڪومت جو حصو آهيون ۽ حڪومت سان ئي گڏ آهيون. هن وڌيڪ چيو ته ترين گروپ ڪا ٻي پارٽي نه پيو ناهي، اسان مسلم ليگ ن جا اتحادي آهيون ۽ رهنداسين.

بقايا 03 *

دوران وڊيو به ناهيندا رهيا ۽ موتمار ڌمڪيون پڻ ڏنيون. پوليس ترجمان موجب آءِ جي پنجاب عورت سان ميبنا ڏاڍائي جو نوٽيس وٺندي سي سي پي او کان رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. ترجمان موجب آءِ جي پنجاب جوابدارن جي جلد گرفتاري جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي.

بقايا 04 *

وڃي. سمورن ايس ايس پيز کي گهرجي ته اسٽريٽ ڪرائم ۽ منشيات فروشن خلاف سخت ڪارروائي ڪن. آءِ جي سنڌ کي چيو ويو آهي ته اسٽريٽ ڪرائم خلاف ايس ايس يو کي روڊن تي آندو وڃي. اسٽريٽ ڪرائم خلاف رزرو پوليس به گشت ڪري.

بقايا 05 *

بهتري لاءِ معاشي ۽ سياسي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ پڻ ڪئي وئي. ان موقعي تي چوڌري شجاعت حسين چيو ته پنجاب اسيمبلي نه ٽٽندي، فلحال مُلڪ ۾ چونڊن جو ڪو امڪان نه آهي. صوبائي حڪومتن جو فرض آهي ته هو روزاني بنيادن تي استعمال ٿيندڙ عام واهپي وارين شين جي مهانگائي ٿيڻ جو نوٽيس وٺن. هن وڌيڪ چيو ته اٽي جي وڌندڙ اگهن سان عام ماڻهو ڏاڍو پريشان آهي، سمورا ليڊر پنهنجا، پنهنجا پاسڻ ڏيڻ بدران ملڪي مسئلن خاص طور مهانگائي کي حل ڪرڻ کي ترجيح ڏين.

بقايا 06 *

هو ته اليڪشن ڪميشن جي قانونن کان واقف آهيون، اليڪشن ڪميشن جي قانونن ڪا ڀڃڪڙي ناهي ڪئي.

بقايا 07 *

بلوچ، ايڊوڪيٽ معراج الدين ۽ ٻين شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ ڪراچي، ضلعي ٺٽي ۽ جامشورو ۾ بحريا ٽائون 2، ملير ايڪسپريس وي ۽ سي پيڪ انڊسٽريل زون جي نالي تي ڏاڍيچي جي رهواسين کي ڳوٺن مان بي دخل ڪرڻ ۽ ڌارين جي تيزي سان ٿيندڙ آباد ڪاري جو جائزو ورتو ويو. ڌرتي ڌڻين کي بيدخل ڪرڻ ۽ ميگا رهائشي منصوبن ذريعي ڌارين جي آبادڪاري سنڌ کي ورهائڻ جي سازش قرار ڏيندي انڊيجينئس رائٽس الائنس کي بيهر منظم ۽ متحد ڪري جدوجهد کي وڌيڪ تيز ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو. ان موقعي تي ايڊوڪيٽ ڪاظم مهيسر ايڊوڪيٽ پروفيسر عبيرا اشفاق، ايڊوڪيٽ عمران بلوچ، ايڊوڪيٽ عبدالرشيد راڄڙ، ايڊوڪيٽ حنيف دلمراد ۽ ايڊوڪيٽ معراج سومرو تي مشتمل انڊيجينئس ليگل ڪميٽي جوڙي وئي، جيڪا سموري صورتحال جو جائزو وٺندي، اجلاس ۾ اهو پڻ فيصلو ڪيو ويو ته انڊيجينئس رائٽس الائنس جي اليڪشن 21 جنوري تي ميمڻ گوٺ ۾ ڪرائي ويندي، جنهن ۾ سمورن ميمبرن کي ڀرپور شرڪت جي اپيل ڪئي وئي. اجلاس کي عبدالخالق جوڻيجو خدا ڏنو شاهه، حفيظ بلوچ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته 2018 ۾ سپريم ڪورٽ بحريا ٽائون کي غير قانوني قرار ڏئي رد ڪيو هو ۽ پوءِ 460 ارب رپين جي عيوض بحريا ٽائون کي 16هزار 9 سئو ۽ ڪجهه ايڪڙ تائين محدود ڪيو هو پر بحريا ٽائون ان تي عمل نه ڪيو ۽ هاڻ وري بحريا ٽائون 2 ڪراچي جي نالي سان هڪ وڌيڪ ميگا رهائشي ۽ انڊسٽريل اسڪيم جو اعلان ڪري ڪم شروع ڪيو ويو آهي، جڏهن ته هي اسڪيم جامشوري ۾ آهي. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته ڪراچي، جامشوري ۽ ضلعي ٺٽي مان ڌرتي ڌڻين جي قديم ڳوٺن کي بيدخل ڪري، انهن جي سروي زمينن ماڳن مڪانن ۽ جيابي جي وسيلن تي قبضو ڪري غير ملڪين ۽ ڌارين کي آباد ڪري ڌرتي ڌڻين کان حق حاڪميت کسڻ ۽ سنڌ ورهائڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي.

بقايا 08 *

ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ هاڻي چونڊون ملتوي نه ٿينديون ۽ 15 جنوري تي ٿي ڪرايون وينديون. ذريعن موجب مڪاني چونڊون پراڻي فهرستن تحت ئي ٿينديون

بقايا 09 *

ملاقات ٿيندي. سعودي عرب سوڌو دوست ملڪن مان فنڊز پاڪستان منتقل ٿيڻ بعد ناڻي جي مٽا سٽا وارا ذخيرا مستحڪم ٿي ويندا

بقايا 10 *

ويندڙ رستا ڪنٽينر رکي بلاڪ ڪيا ويا آهن. جنهن سبب ٽرئفڪ جام ٿي وئي آهي پوليس جي روڪڻ باوجود مظاهرين واپس نه ويا. گئس ۽ بجلي جي بندش ختم ٿيڻ تائين احتجاج جو اعلان پڻ ڪيو ويو آهي

بقايا 11 *

رئيساڻي، مير عبدالله راهوجا ۽ مير الله بخش رند شامل آهن. ان موقعي تي اڳوڻي صدر آصف علي زرداري چيو ته بلوچستان ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي جو تاريخي رشتو آهي، پيپلزپارٽي هميشه بلوچستان جي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي آهي. هن چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي بلوچستان جي سياست ۾ سڀ کان مضبوط پارٽي آهي، پيپلزپارٽي بلوچستان جي حق لاءِ جدوجهد تي سمجهوتو نه ڪندي.

بقايا 12 *

ڪراما تورسڪ حملو ماڪيوڪا ۾ روسي فوج تي يوڪريني حملي جو جواب آهي، واضح رهي ته گذريل هفتي روس جي قبضي هيٺ علائقي ماڪيوڪا ۾ يوڪريني فوج جي حملي ۾ 89 روسي فوجي ماريا ويا هئا جڏهن ته يوڪرين حملي ۾ چار سئو کان وڌيڪ روسي فوجي مارڻ جي دعويٰ ڪئي هئي.

بقايا 13 *

مديني جي ٿيل زيرانتظام فلاحي ادارا عوام لاءِ بهترين خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن، هن چيو ته صوبي جي ٻوڏ متاثرين لاءِ اداري پاران مختلف علائقن ۾ امدادي ڪيمپون قائم ڪرڻ ۽ ٻوڏ متاثرين جي مدد ڪرڻ ساراهه جوڳو عمل آهي ۽ ان ڪم ۾ هر هڪ فرد جو حصو وٺڻ قابلِ تعريف آهي، ڪامران خان ٽيسوري چيو ته فلاحي ادارن ۽ مخير حضرات جي ڪوشش جي ڪري اسان سڀني گڏجي اهڙي وڏي قدرتي آفت کي منهن ڏنو سنڌ جي گورنر چيو ته منهنجي ڪوشش آهي ته صوبي جي عوام جا مسئلا گهٽ ڪيا وڃن ۽ ان سلسلي ۾ هر روز مختلف علائقن جو دورو ڪري رهيو آهيان ته جيئن ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان سندن ڏک جو ازالو ڪري سگهان، هن وڌيڪ چيو ته ڪراچي شهر ۾ اسان سڀني کي گڏجي ڪم ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي، ڪامران خان ٽيسوري چيو ته عوام روز هڪ نئين تڪرار کي منهن ڏئي رهيو آهي، ان ڪري اسان کي ڪراچي جي شهرين کي رليف ڏيڻ لاءِ هر در تي وڃڻو پوندو ڇاڪاڻ ته ڪراچي ترقي ڪندو ته پاڪستان ترقي ڪندو.

بقايا 14 *

شهباز شريف آءِ ايم ايف سان 9 جنوري تي جنيوا ۾ ٿيندڙ ڪانفرنس جي حوالي سان ڳالهه ٻولهه ڪئي. آءِ ايم ايف جي ترجمان چيو ته جنيوا ۾ رزيلينٽ پاڪستان تي عالمي ڪانفرنس ٿي رهي آهي، آءِ ايم ايف پاڪستان ۾ ٻوڏ سبب سڌي ريت متاثر ٿيل ماڻهن سان همدردي جو اظهار ڪيو آهي، آءِ ايم ايف پاڪستان ٻوڏ جي پائيدار بحالي ۾ مدد ڪري، آءِ ايم ايف جي ترجمان جو چوڻ آهي ته جنيوا ڪانفرنس جي موقعي تي آءِ ايم ايف جي وفد جي پاڪستان جي ناڻي واري وزير اسحاق ڊار سان به ملاقات جو امڪان آهي.

بقايا 15 *

اسٽيبلشمينٽ وٽ طاقت جي استعمال کانسواءِ ٻيو ڪو رستو ناهي، اهڙو ظلم وڌيڪ دير تائين نه رهي سگهندو واضح رهي ته گذريل ڏينهن مونس الاهي الزام هنيو هو ته سندس دوست کي ڪنهن گم ڪيو ويو آهي ۽ اهو سڀ ڪجهه پي ڊي ايم جي حمايت تي مجبور ڪرڻ لاءِ ڪيو پيو وڃي

بقايا 16 *

آهن. اليڪشن ڪميشن ذريعن موجب چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا جي سربراهي ۾ بينچ محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌائيندي، ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ مڪاني چونڊون 15 جنوري تي ٿينديون. ذريعن جو چوڻ آهي ته اليڪشن ڪميشن ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ننڍي چونڊ لاءِ تياريون مڪمل ڪري ورتيون آهن ۽ اليڪشن ڪميشن ايم ڪيو ايم پاران ٻٽي لسٽن جي الزام کي رد ڪري ڇڏيو آهي. اليڪشن ڪميشن ذريعن موجب ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ مڪاني چونڊون پراڻي ووٽر لسٽن تي ٿينديون. اليڪشن ڪميشن جي ذريعن موجب ڪراچي ۽ حيدرآباد جي چونڊن جو شيڊول تبديل نه ڪيو ويو آهي، رڳو تاريخ ملتوي ڪئي وئي آهي، ڪا نئين لسٽ نه هئي جڏهن ته مڪاني چونڊون 29 اپريل تي ملتوي ڪيون ويون، اهو صوبائي اختيار آهي. حڪومت نيون يونين ڪائونسلون ۽ وارڊ ناهيندي، يونين ڪائونسلون ٺهڻ کان پوءِ چونڊون ٿينديون.

بقايا 17 *

گهربل نوان ميٽر آرڊر ڪري ڇڏيا آهن. ميٽرن جي کوٽ جلد ختم ٿي ويندي.

بقايا 18 *

ڪشميرين کي شهيد ڪري ڇڏيو آهي. ٻنهي نوجوانن کي گذريل رات پونڇ واري علائقي ۾ بالاڪوٽ ۾ ڪيل سرچ آپريشن دوران شهيد ڪيو ويو قابض ڀارتي فوج پاران علائقي کي گهيرو ڪري گهر گهر تلاشي وٺڻ وارو عمل جاري آهي.

بقايا 19 *

اسلامي، پي ٽي ايم ۽ قبائلي عمائدين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي، احتجاج ڪندڙن علائقي ۾ امن قائم ٿيڻ تائين ڌرڻو جاري رکڻ جو اعلان ڪندي چيو ته جيستائين امن قائم نه ٿيو ته هو مري ويندا. انگور اڏا هاءِ وي سميت اهم شاهراهن کي بند ڪيو ويندو.

بقايا 20 *

وزير تقريب ۾ نظر نه آيو ناميارو صحافي موجب بهاولپور جي اڳوڻي ڪور ڪماندر جنرل (ر) فيض حميد جي ڀائيٽيءَ جي شادي جي تقريب رٿيل هئي. نهن ۾ جنرل (ر) قمر جاويد باجوه، جنرل ساحر شمشاد مرزا، جنرل نعمان ۽ ڪجهه ٻيا جنرل شامل هئا. انهن تقريب ۾ شرڪت ڪئي، جڏهن ته دفاع وارو وزير، پرڏيهي وزير، وزيراعظم يا ڪو ٻيو ذڪر لائق وزير شامل نه هئو ساڳي طرح پي ٽي آءِ اڳواڻ شاهه محمود قريشي، فواد چوڌري، اسد عمر ۽ ٻيا اڳواڻ تقريب ۾ شريڪ هئا پر ٻي ڪنهن به سياسي پارٽي جو اڳواڻ تقريب ۾ شريڪ نه هئو ياد رهي ته جنرل (ر) فيض حميد لاءِ مشهور رهيو آهي ته هو عمران خان ۽ پي ٽي آءِ حڪومت جي مدد ڪندو رهيو آهي.

بقايا 21 *

عاصم حسين چيو ته پيپلز پارٽي سينٽرل ضلعي ۾ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن.هن چيو ته جيڪڏهن عوام کيس موقعو ڏنو ته هو شهر جي هر ممڪن خدمت ڪندو.

بقايا 22 *

لسٽ ۾ ملڪ گهڻي وقت کان 53هين نمبر تي آهي. گذريل 24 ڪلاڪن دوران ڪورونا ڪيسن جي شرح رڳو 0.40 سيڪڙو رڪارڊ ڪئي وئي، پاڪستان ۾ وڌيڪ 18 ڄڻن ۾ ڪورونا وائرس جي تصديق ٿي وئي آهي. ڪورونا وائرس جي علاج هيٺ 22 مريضن جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي. پاڪستان ۾ هن وقت تائين 30 هزار 638 ڪورونا وائرس جا مريض فوت ٿي چڪا آهن جڏهن ته مريضن جو انگ 15 لک 75 هزار 952 تائين پهچي ويو آهي. ملڪ ۾ گذريل 24 ڪلاڪن دوران 4 هزار 447 وڌيڪ ڪورونا وائرس جا ٽيسٽ ڪيا ويا، جڏهن ته هن وقت تائين ڪل 3 ڪروڙ 12 لک 25 هزار 519 ڪورونا ٽيسٽ ڪيا ويا آهن. نيشنل انسٽيٽيوٽ آف هيلٿ (NIH) طرفان جاري ڪيل انگن اکرن موجب وفاقي راڄڌاني اسلام آباد ۾ ڪورونا وائرس جا 304 ٽيسٽ ڪيا ويا، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ڪيس سامهون آيو. ڪراچي ۾ 242 ٽيسٽ ڪيا ويا، 4 ماڻهن ۾ ڪورونا جي سڃاڻپ ٿي، 844 ٽيسٽ ڪيا ويا. لاهور ۾ ڪيو ويو جنهن مان 4 ڪورونا جا مريض سامهون آيا. جڏهن ته پشاور ۾ 430 ٽيسٽ ڪيا ويا، جنهن جي نتيجي ۾ 2 ڪورونا جا مريض سامهون آيا.

بقايا 23 *

شهدادڪوٽ ۽ ٺل ۾ سياسي سماجي تنظيمن شهرين جي سڏ تي احتجاجي مظاهرا ڪري ڌرڻا هنيا ويا جهڏو چمبڙ، ميرو خان ۾ ڊيپلو ۾ به رهواسي سستي اٽي لاءِ سراپا احتجاج بڻيل آهن حيدرآباد ۾ به شهرين کي سستو اٽو نه مليو سانگهڙ ۾ ٽنڊي تي مٽيءَ جي ماني پچائي انوکو احتجاج ڪيو ويو ڪنري ۾ چڪي مالڪن اٽي جي اگهن ۾ رڪارڊ واڌ ڪري ڇڏي، في ڪلو 160 رپين تائين وڪرو ٿيڻ جون شڪايتون سامهون اچي رهيون آهن

بقايا 24 *

ڪوٽا هيٺ وڪري ڇڏيو ۽ سرڪاري اٽي جي سيلز پرائيٽس کي به هيٺ وڪري ڇڏيس سومر کان 18 لک 40 هزار بورين سرڪاري اگهه تي ملنديون، سومر کان 26 هزار ٽن ٽن سرڪاري ڪڻڪ فلر ملن کي سندن طلب کان وڌيڪ جاري ڪئي ويندي. پرويز الاهي اهو به چيو ته سرڪاري ڪوٽا وڌائڻ سان خانگي ڪڻڪ ۽ اٽي جا اگهه گهٽجي ويندا.

بقايا 25 *

مڪاني چونڊون ٿي رهيون آهن پر حڪومت چونڊون ملتوي ڪرائڻ جي پوري ڪوشش ڪري رهي آهي. هن چيو ته ايم ڪيو ايم جو ڪلهو استعمال پيپلز پارٽي مڪاني چونڊن کان ڀڄڻ جو رستو اختيار ڪري رهي آهي پر اسان ائين ٿيڻ نه ڏينداسين، صوبائي وزير ناصر شاهه حسين خاطري ڪرائي آهي ته چونڊون وقت تي ٿينديون. هن وڌيڪ چيو ته ڪراچي جي حالتن جون پ پ ۽ ايم ڪيو ايم ذميوار آهن، شهري جي بربادي ۾ انهن جو ئي هٿ آهي. هن ڪراچي ۾ مڪاني چونڊون فوج جي نگراني ۾ ڪرائڻ جو مطالبو ڪندي چيو ته شهر ۾ بدامني جي خاتمي لاءِ رينجرز کي اختيار ڏنا وڃن. مڪاني چونڊون هڪ سئو ويهه ڏينهن ۾ ڪرائڻ لازمي آهي پر ڏيڍ سال گذري ويو آهي.

بقايا 26 *

ڏئي سگهي، پنهنجي ٽوئيٽ ۾ شيخ رشيد احمد چيو ته 100 ڏينهن ۾ اليڪشن جو اعلان نه ٿيو ته تباهي ٿيندي، جنهن جا ذميوار اهي حڪمران هوندا. شيخ رشيد چيو آهي ته ناڻي جا مٽاسٽا وارا ذخيرا 4 ڏهائي 5 ارب ڊالرز ليا آهن، جيڪي 2 ڏينهن جي گهٽ امپورٽ جو نتيجو آهي.

بقايا 27 *

ناري جي پيءُ جي فرياد ۾ سي ويو ٿاڻي ۾ اغوا جو ڪيس داخل ڪري ورتو آهي جنهن ۾ ناري جي والد ٻڌايو ته سندس ڌيءَ ڊاڪٽر شان سليم ۽ بسمه جي ڪري آپگهات ڪيو والد موجب سندس ڌيءَ ڇهه جنوري تي ٻپهريان گهر فون ڪري پنهنجي ماءُ کي ٻڌايو ته ڊاڪٽر شان سليم سائٽس زيادتي ڪئي، ڪيس داخل ٿيڻ بعد انويسٽيگيشن پوليس ڊاڪٽر شان سليم کي گرفتار ڪري ورتو آهي. ايس ايس پي انويسٽيگيشن ڏکڻ زاهد پروين جو چوڻ آهي ته شروعاتي جاچ ۾ اِها ڳالهه سامهون آئي آهي ته ڊاڪٽر شان سليم سارا ملڪ کي جنسي زيادتي جو نشانو بڻايو جنهن سبب سارا آپگهات ڪيو جڏهن ته متاثر ناري ان کان اڳ به آپگهات جي ڪوشش ڪري چڪي آهي. ايس ايس پي پوليس موجب ناري ٻن سالن کان سندس ڪلينڪ تي ڪم ڪري رهي هئي، ڊاڪٽر شان سليم ڏيڍ کان به لک رُپيا سارا ملڪ کي قرض به ڏنو هو، قرض ڏئي وري بليڪ ميل ڪري ناري کي سائٽس جنسي لاڳاپا رکڻ تي مجبور ڪيو. زاهد پروين وڌيڪ چيو ته ڊاڪٽر شان سليم کان جاچ دوران اِها ڳالهه سامهون آئي آهي ته هو ان کان اڳ به ڪيئي ڇوڪرين کي بليڪ ميل ڪري چڪو آهي، ڇهه جنوري تي به ڊاڪٽر شان سليم سارا ملڪ سان زيادتي ڪئي جنهن سبب مجبور ٿي هُن آپگهات ڪيو. ناري جنسي زيادتي واري واقعي جو ذڪر پنهنجي آفيس جي ساٿي ڇوڪري سان به ڪيو جڏهن ته معاملي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا 28 *

غربت ۾ واڌ ۽ شهري معيشت پڻ متاثر ٿيڻ جا خدشا ظاهر ڪري ڇڏيا آهن. حيدرآباد ۾ سنڌ آبادگار بورڊ جو اهم اجلاس محمود نواز شاهه جي صدارت هيٺ ٿيو جنهن ۾ ڊاڪٽر ذوالفقار يوسفاڻي، ڊاڪٽر بشير نظاماڻي، اعظم رند، ملوڪ نظاماڻي، طاها عباسي، مراد علي شاهه بُڪيرائي ۽ مختلف ضلعن جي آبادگارن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ سنڌ جي زراعت سان لاڳاپيل اهم معاملن تي غور ڪيو ويو

بقايا 29 *

عارضي اسٽال تان اٽ ڦورو اٽي جون ويهه ٿيليون کسي فرار ٿي ويا. هن چيو ته عارضي اسٽال تي ٻن ڏينهن دوران ڦرجو اهو ٻيو واقعو پيش آيو آهي. پهرين واقعي ۾ ٽي ڦورو 45 هزار رُپيا ڦري فرار ٿي ويا هئا. فوڊ ڪنٽرولر وڌيڪ چيو ته ٻنهي وارداتن بابت ڊائريڪٽر جنرل فوڊ کي لکت ۾ آگاهه ڪيو ويو آهي جڏهن ته هاڻي هر اسٽال تي هڪ پوليس اهلڪار کي مقرر ڪيو ويندو

بقايا 30 *

کي شيخ زيد ميڊيڪل سينٽر ميرپور ساڪرو آندو ويو جتان زخمي کي ڪراچي منتقل ڪيو ويو هوڏانهن فوتي جي لاش ضروري ڪارروائي کانپوءِ وارثن حوالي ڪيو ويو فوتي جو تعلق ٻهارا سان آهي.

بقايا 31 *

بلوچ، ايڊوڪيٽ معراج الدين ۽ ٻين شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ ڪراچي، ضلعي ٺٽي ۽ جامشورو ۾ بحريا ٽائون 2، ملير ايڪسپريس وي ۽ سي پيڪ انڊسٽريل زون جي نالي تي ڏاڍيچي جي رهواسين کي ڳوٺن مان بي دخل ڪرڻ ۽ ڌارين جي تيزي سان ٿيندڙ آباد ڪاري جو جائزو ورتو ويو. ڌرتي ڌڻين کي بيدخل ڪرڻ ۽ ميگا رهائشي منصوبن ذريعي ڌارين جي آبادڪاري سنڌ کي ورهائڻ جي سازش قرار ڏيندي انڊيجينئس رائٽس الائنس کي بيهر منظم ۽ متحد ڪري جدوجهد کي وڌيڪ تيز ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو. ان موقعي تي ايڊوڪيٽ ڪاظم مهيسر ايڊوڪيٽ پروفيسر عبيرا اشفاق، ايڊوڪيٽ عمران بلوچ، ايڊوڪيٽ عبدالرشيد راڄڙ، ايڊوڪيٽ حنيف دلمراد ۽ ايڊوڪيٽ معراج سومرو تي مشتمل انڊيجينئس ليگل ڪميٽي جوڙي وئي، جيڪا سموري صورتحال جو جائزو وٺندي، اجلاس ۾ اهو پڻ فيصلو ڪيو ويو ته انڊيجينئس رائٽس الائنس جي اليڪشن 21 جنوري تي ميمڻ گوٺ ۾ ڪرائي ويندي، جنهن ۾ سمورن ميمبرن کي ڀرپور شرڪت جي اپيل ڪئي وئي. اجلاس کي عبدالخالق جوڻيجو خدا ڏنو شاهه، حفيظ بلوچ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته 2018 ۾ سپريم ڪورٽ بحريا ٽائون کي غير قانوني قرار ڏئي رد ڪيو هو ۽ پوءِ 460 ارب رپين جي عيوض بحريا ٽائون کي 16هزار 9 سئو ۽ ڪجهه ايڪڙ تائين محدود ڪيو هو پر بحريا ٽائون ان تي عمل نه ڪيو ۽ هاڻ وري بحريا ٽائون 2 ڪراچي جي نالي سان هڪ وڌيڪ ميگا رهائشي ۽ انڊسٽريل اسڪيم جو اعلان ڪري ڪم شروع ڪيو ويو آهي، جڏهن ته هي اسڪيم جامشوري ۾ آهي. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته ڪراچي، جامشوري ۽ ضلعي ٺٽي مان ڌرتي ڌڻين جي قديم ڳوٺن کي بيدخل ڪري، انهن جي سروي زمينن ماڳن مڪانن ۽ جيابي جي وسيلن تي قبضو ڪري غير ملڪين ۽ ڌارين کي آباد ڪري ڌرتي ڌڻين کان حق حاڪميت کسڻ ۽ سنڌ ورهائڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي.

بقايا 32 *

آهن. اليڪشن ڪميشن ذريعن موجب چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا جي سربراهي ۾ بينچ محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌائيندي، ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ مڪاني چونڊون 15 جنوري تي ٿينديون. ذريعن جو چوڻ آهي ته اليڪشن ڪميشن ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ننڍي چونڊ لاءِ تياريون مڪمل ڪري ورتيون آهن ۽ اليڪشن ڪميشن ايم ڪيو ايم پاران ٻٽي لسٽن جي الزام کي رد ڪري ڇڏيو آهي. اليڪشن ڪميشن ذريعن موجب ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ مڪاني چونڊون پراڻي ووٽر لسٽن تي ٿينديون. اليڪشن ڪميشن جي ذريعن موجب ڪراچي ۽ حيدرآباد جي چونڊن جو شيڊول تبديل نه ڪيو ويو آهي، رڳو تاريخ ملتوي ڪئي وئي آهي، ڪا نئين لسٽ نه هئي جڏهن ته مڪاني چونڊون 29 اپريل تي ملتوي ڪيون ويون، اهو صوبائي اختيار آهي. حڪومت نيون يونين ڪائونسلون ۽ وارڊ ناهيندي، يونين ڪائونسلون ٺهڻ کان پوءِ چونڊون ٿينديون.

بقايا 33 *

ناري جي پيءُ جي فرياد ۾ سي ويو ٿاڻي ۾ اغوا جو ڪيس داخل ڪري ورتو آهي جنهن ۾ ناري جي والد ٻڌايو ته سندس ڌيءَ ڊاڪٽر شان سليم ۽ بسمه جي ڪري آپگهات ڪيو والد موجب سندس ڌيءَ ڇهه جنوري تي ٻپهريان گهر فون ڪري پنهنجي ماءُ کي ٻڌايو ته ڊاڪٽر شان سليم سائٽس زيادتي ڪئي، ڪيس داخل ٿيڻ بعد انويسٽيگيشن پوليس ڊاڪٽر شان سليم کي گرفتار ڪري ورتو آهي. ايس ايس پي انويسٽيگيشن ڏکڻ زاهد پروين جو چوڻ آهي ته شروعاتي جاچ ۾ اِها ڳالهه سامهون آئي آهي ته ڊاڪٽر شان سليم سارا ملڪ کي جنسي زيادتي جو نشانو بڻايو جنهن سبب سارا آپگهات ڪيو جڏهن ته متاثر ناري ان کان اڳ به آپگهات جي ڪوشش ڪري چڪي آهي. ايس ايس پي پوليس موجب ناري ٻن سالن کان سندس ڪلينڪ تي ڪم ڪري رهي هئي، ڊاڪٽر شان سليم ڏيڍ کان به لک رُپيا سارا ملڪ کي قرض به ڏنو هو، قرض ڏئي وري بليڪ ميل ڪري ناري کي سائٽس جنسي لاڳاپا رکڻ تي مجبور ڪيو. زاهد پروين وڌيڪ چيو ته ڊاڪٽر شان سليم کان جاچ دوران اِها ڳالهه سامهون آئي آهي ته هو ان کان اڳ به ڪيئي ڇوڪرين کي بليڪ ميل ڪري چڪو آهي، ڇهه جنوري تي به ڊاڪٽر شان سليم سارا ملڪ سان زيادتي ڪئي جنهن سبب مجبور ٿي هُن آپگهات ڪيو. ناري جنسي زيادتي واري واقعي جو ذڪر پنهنجي آفيس جي ساٿي ڇوڪري سان به ڪيو جڏهن ته معاملي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا 34 *

آيو آهي ۽ سندس چوڻ آهي ته نئين سياسي پارٽي جوڙڻ ۽ منهنجي شموليت بابت خبرن ۾ سچائي نه آهي، مان ڪنهن به سياسي پارٽي ۾ شامل نه پيو ٿيان. عليم خان جو چوڻ هو ته چوڌري سرور ۽ جهانگير ترين سان سٺا لاڳاپا آهن پر سياست جو ارادو نه آهي. فلحال سڄو ڌيان فلاحي ڪم تي ڪتل آهي ۽ سياسي مامرن کان پاسي تي آهيان. هن چيو ته ڪنهن به سياسي پارٽي جو حصو آهيان نه ئي ٿيڻ جو ارادو آهي. بنا فرق خدمت ۽ خيراتي ڪمن لاءِ فائونڊيشن جي سرپرستي ڪري رهيو آهيان، فلحال سياست ۾ متحرڪ ٿيڻ جو ڪو ارادو نه آهي. ٻئي پاسي جهانگير ترين گروپ جي اڳواڻ عون چوڌري به نئين پارٽي ناهڻ وارين خبرن جي ترديد ڪري ڇڏي آهي. چوڌري عون موجب جهانگير ترين، عليم خان يا چوڌري سرور ڪا نئين پارٽي نه پيا ناهين، اسان هن وقت حڪومت جو حصو آهيون ۽ حڪومت سان ئي گڏ آهيون. هن وڌيڪ چيو ته ترين گروپ ڪا ٻي پارٽي نه پيو ناهي، اسان مسلم ليگ ن جا اتحادي آهيون ۽ رهنداسين.

بقايا 35 *

وزير تقريب ۾ نظر نه آيو ناميارو صحافي موجب بهاولپور جي اڳوڻي ڪور ڪماندر جنرل (ر) فيض حميد جي ڀائيٽيءَ جي شادي جي تقريب رٿيل هئي. نهن ۾ جنرل (ر) قمر جاويد باجوه، جنرل ساحر شمشاد مرزا، جنرل نعمان ۽ ڪجهه ٻيا جنرل شامل هئا. انهن تقريب ۾ شرڪت ڪئي، جڏهن ته دفاع وارو وزير، پرڏيهي وزير، وزيراعظم يا ڪو ٻيو ذڪر لائق وزير شامل نه هئو ساڳي طرح پي ٽي آءِ اڳواڻ شاهه محمود قريشي، فواد چوڌري، اسد عمر ۽ ٻيا اڳواڻ تقريب ۾ شريڪ هئا پر ٻي ڪنهن به سياسي پارٽي جو اڳواڻ تقريب ۾ شريڪ نه هئو ياد رهي ته جنرل (ر) فيض حميد لاءِ مشهور رهيو آهي ته هو عمران خان ۽ پي ٽي آءِ حڪومت جي مدد ڪندو رهيو آهي.

بقايا 36 *

رئيساڻي، مير عبدالله راهوجا ۽ مير الله بخش رند شامل آهن. ان موقعي تي اڳوڻي صدر آصف علي زرداري چيو ته بلوچستان ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي جو تاريخي رشتو آهي، پيپلزپارٽي هميشه بلوچستان جي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي آهي. هن چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي بلوچستان جي سياست ۾ سڀ کان مضبوط پارٽي آهي، پيپلزپارٽي بلوچستان جي حق لاءِ جدوجهد تي سمجهوتو نه ڪندي.

بقايا 37 *

لسٽ ۾ ملڪ گهڻي وقت کان 53هين نمبر تي آهي. گذريل 24 ڪلاڪن دوران ڪورونا ڪيسن جي شرح رڳو 0.40 سيڪڙو رڪارڊ ڪئي وئي، پاڪستان ۾ وڌيڪ 18 ڄڻن ۾ ڪورونا وائرس جي تصديق ٿي وئي آهي. ڪورونا وائرس جي علاج هيٺ 22 مريضن جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي. پاڪستان ۾ هن وقت تائين 30 هزار 638 ڪورونا وائرس جا مريض فوت ٿي چڪا آهن جڏهن ته مريضن جو انگ 15 لک 75 هزار 952 تائين پهچي ويو آهي. ملڪ ۾ گذريل 24 ڪلاڪن دوران 4 هزار 447 وڌيڪ ڪورونا وائرس جا ٽيسٽ ڪيا ويا، جڏهن ته هن وقت تائين ڪل 3 ڪروڙ 12 لک 25 هزار 519 ڪورونا ٽيسٽ ڪيا ويا آهن. نيشنل انسٽيٽيوٽ آف هيلٿ (NIH) طرفان جاري ڪيل انگن اکرن موجب وفاقي راڄڌاني اسلام آباد ۾ ڪورونا وائرس جا 304 ٽيسٽ ڪيا ويا، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ڪيس سامهون آيو. ڪراچي ۾ 242 ٽيسٽ ڪيا ويا، 4 ماڻهن ۾ ڪورونا جي سڃاڻپ ٿي، 844 ٽيسٽ ڪيا ويا. لاهور ۾ ڪيو ويو جنهن مان 4 ڪورونا جا مريض سامهون آيا. جڏهن ته پشاور ۾ 430 ٽيسٽ ڪيا ويا، جنهن جي نتيجي ۾ 2 ڪورونا جا مريض سامهون آيا.

بقايا 38 *

بلوچ، ايڊوڪيٽ معراج الدين ۽ ٻين شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ ڪراچي، ضلعي ٺٽي ۽ جامشورو ۾ بحريا ٽائون 2، ملير ايڪسپريس وي ۽ سي پيڪ انڊسٽريل زون جي نالي تي ڏاڍيچي جي رهواسين کي ڳوٺن مان بي دخل ڪرڻ ۽ ڌارين جي تيزي سان ٿيندڙ آباد ڪاري جو جائزو ورتو ويو. ڌرتي ڌڻين کي بيدخل ڪرڻ ۽ ميگا رهائشي منصوبن ذريعي ڌارين جي آبادڪاري سنڌ کي ورهائڻ جي سازش قرار ڏيندي انڊيجينئس رائٽس الائنس کي بيهر منظم ۽ متحد ڪري جدوجهد کي وڌيڪ تيز ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو. ان موقعي تي ايڊوڪيٽ ڪاظم مهيسر ايڊوڪيٽ پروفيسر عبيرا اشفاق، ايڊوڪيٽ عمران بلوچ، ايڊوڪيٽ عبدالرشيد راڄڙ، ايڊوڪيٽ حنيف دلمراد ۽ ايڊوڪيٽ معراج سومرو تي مشتمل انڊيجينئس ليگل ڪميٽي جوڙي وئي، جيڪا سموري صورتحال جو جائزو وٺندي، اجلاس ۾ اهو پڻ فيصلو ڪيو ويو ته انڊيجينئس رائٽس الائنس جي اليڪشن 21 جنوري تي ميمڻ گوٺ ۾ ڪرائي ويندي، جنهن ۾ سمورن ميمبرن کي ڀرپور شرڪت جي اپيل ڪئي وئي. اجلاس کي عبدالخالق جوڻيجو خدا ڏنو شاهه، حفيظ بلوچ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته 2018 ۾ سپريم ڪورٽ بحريا ٽائون کي غير قانوني قرار ڏئي رد ڪيو هو ۽ پوءِ 460 ارب رپين جي عيوض بحريا ٽائون کي 16هزار 9 سئو ۽ ڪجهه ايڪڙ تائين محدود ڪيو هو پر بحريا ٽائون ان تي عمل نه ڪيو ۽ هاڻ وري بحريا ٽائون 2 ڪراچي جي نالي سان هڪ وڌيڪ ميگا رهائشي ۽ انڊسٽريل اسڪيم جو اعلان ڪري ڪم شروع ڪيو ويو آهي، جڏهن ته هي اسڪيم جامشوري ۾ آهي. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته ڪراچي، جامشوري ۽ ضلعي ٺٽي مان ڌرتي ڌڻين جي قديم ڳوٺن کي بيدخل ڪري، انهن جي سروي زمينن ماڳن مڪانن ۽ جيابي جي وسيلن تي قبضو ڪري غير ملڪين ۽ ڌارين کي آباد ڪري ڌرتي ڌڻين کان حق حاڪميت کسڻ ۽ سنڌ ورهائڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي.

بقايا 39 *

آيو آهي ۽ سندس چوڻ آهي ته نئين سياسي پارٽي جوڙڻ ۽ منهنجي شموليت بابت خبرن ۾ سچائي نه آهي، مان ڪنهن به سياسي پارٽي ۾ شامل نه پيو ٿيان. عليم خان جو چوڻ هو ته چوڌري سرور ۽ جهانگير ترين سان سٺا لاڳاپا آهن پر سياست جو ارادو نه آهي. فلحال سڄو ڌيان فلاحي ڪم تي ڪتل آهي ۽ سياسي مامرن کان پاسي تي آهيان. هن چيو ته ڪنهن به سياسي پارٽي جو حصو آهيان نه ئي ٿيڻ جو ارادو آهي. بنا فرق خدمت ۽ خيراتي ڪمن لاءِ فائونڊيشن جي سرپرستي ڪري رهيو آهيان، فلحال سياست ۾ متحرڪ ٿيڻ جو ڪو ارادو نه آهي. ٻئي پاسي جهانگير ترين گروپ جي اڳواڻ عون چوڌري به نئين پارٽي ناهڻ وارين خبرن جي ترديد ڪري ڇڏي آهي. چوڌري عون موجب جهانگير ترين، عليم خان يا چوڌري سرور ڪا نئين پارٽي نه پيا ناهين، اسان هن وقت حڪومت جو حصو آهيون ۽ حڪومت سان ئي گڏ آهيون. هن وڌيڪ چيو ته ترين گروپ ڪا ٻي پارٽي نه پيو ناهي، اسان مسلم ليگ ن جا اتحادي آهيون ۽ رهنداسين.

بقايا 40 *

ناري جي پيءُ جي فرياد ۾ سي ويو ٿاڻي ۾ اغوا جو ڪيس داخل ڪري ورتو آهي جنهن ۾ ناري جي والد ٻڌايو ته سندس ڌيءَ ڊاڪٽر شان سليم ۽ بسمه جي ڪري آپگهات ڪيو والد موجب سندس ڌيءَ ڇهه جنوري تي ٻپهريان گهر فون ڪري پنهنجي ماءُ کي ٻڌايو ته ڊاڪٽر شان سليم سائٽس زيادتي ڪئي، ڪيس داخل ٿيڻ بعد انويسٽيگيشن پوليس ڊاڪٽر شان سليم کي گرفتار ڪري ورتو آهي. ايس ايس پي انويسٽيگيشن ڏکڻ زاهد پروين جو چوڻ آهي ته شروعاتي جاچ ۾ اِها ڳالهه سامهون آئي آهي ته ڊاڪٽر شان سليم سارا ملڪ کي جنسي زيادتي جو نشانو بڻايو جنهن سبب سارا آپگهات ڪيو جڏهن ته متاثر ناري ان کان اڳ به آپگهات جي ڪوشش ڪري چڪي آهي. ايس ايس پي پوليس موجب ناري ٻن سالن کان سندس ڪلينڪ تي ڪم ڪري رهي هئي، ڊاڪٽر شان سليم ڏيڍ کان به لک رُپيا سارا ملڪ کي قرض به ڏنو هو، قرض ڏئي وري بليڪ ميل ڪري ناري کي سائٽس جنسي لاڳاپا رکڻ تي مجبور ڪيو. زاهد پروين وڌيڪ چيو ته ڊاڪٽر شان سليم کان جاچ دوران اِها ڳالهه سامهون آئي آهي ته هو ان کان اڳ به ڪيئي ڇوڪرين کي بليڪ ميل ڪري چڪو آهي، ڇهه جنوري تي به ڊاڪٽر شان سليم سارا ملڪ سان زيادتي ڪئي جنهن سبب مجبور ٿي هُن آپگهات ڪيو. ناري جنسي زيادتي واري واقعي جو ذڪر پنهنجي آفيس جي ساٿي ڇوڪري سان به ڪيو جڏهن ته معاملي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا 01 سنڌيار

موقعي تي اڳواڻن عرفان علي چوهان، شاهنواز سيال، آفتاب منگريو، دين محمد جتوئي، احسان مستوئي ۽ ٻين چيو ته آءِ بي ٽيسٽ اميدوارن جي ڀرتي لاءِ ٽيون مرحلو جلد کان جلد شروع ڪيو وڃي. هن چيو ته ڊسمبر کان ٽيون مرحلو شروع ڪيو ويندو پر افسوس ڊي اي او نوشهروفيروز ۾ ٽيون مرحلو شروع ناهي ڪيو. جڏهن ته ضلع مٽياري، نوابشاهه، گهوٽڪي، دادو، عمرڪوٽ ۾ ٽيون مرحلو شروع ٿي ويو آهي. ضلع نوشهروفيروز جي آءِ ايس اين اي منظور ڪري 40 کان وڌيڪ پاس وارن کي آفر آرڊر ڏئي بي چيني ختم ڪئي وڃي ۽ ضلع نوشهروفيروز جي اسڪولن ۾ ايس ٽي آر تحت استاد رکيا وڃن ڇاڪاڻ ته ضلع ۾ اسڪولن جي اڪثريت ۾ هڪ سئو ٻارن لاءِ صرف هڪ استاد مقرر ٿيل آهي.

بقايا 02 سنڌيار

اينڊڙ ڪار سان حادثو پيش آيو. حادثي ۾ ڊرائيور سميت 5 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا. زخمين ۾ ڳوٺ علي خان جوٽيجو جو رهواسي 25 سالہ حسين ولد پائيخان ۽ ٻه عورتون شامل آهن جنهن جو تعلق ڳوٺ علي خان جوٽيجو سان آهي. زخمين کي ڳنڀير حالت ۾ سول اسپتال سانگهڙ نيو ويو، جتان اسپتال ۾ علاج جون سهولتون نه هجڻ سبب نوابشاهه ريفر ڪيو ويو. زخمين ۾ ڳوٺ محمد اسماعيل وساڻ جو رهواسي 55 سالہ ڊرائيور خميسو ولد راجو وساڻ ۽ ڳوٺ علي خان جوٽيجو سان تعلق رکندڙ علي حيدر جوٽيجو جو 9 سالہ ٻارڙو خميسو ولد علي حيدر جوٽيجو زخمن جا سور نہ سهندي فوت ٿي ويا. اهڙي افسوسناڪ حادثي جو ٻڌي علائقي ۾ ڏک جي لهرڇانيل آهي.

بقايا 03 سنڌيار

خلاف داٻهن ڪٽي نشنل پريس ڪلب مورو جي صحافين وٽ پهچي ڏانهنيندي ٻڌايو ته اڳوٽي مختيار ڪار ۽ تپيدارن ڳري رشوت عيوض منهنجي 24 ايڪڙ زرعي زمين جو ڪاتو با اثر زميندار کي ڦيرائي ڏنو: هنن مونسان وڏو ظلم ڪيو آهي مان حق گهران ٿو ته مون کي قتل ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏنيون ٿا ڏين هن وس وارن کان مطالبو ڪيو ته منهنجي زرعي زمين جو ڪاتو منهنجي نالي تي ڪري قبضو ختم ڪرائي ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ مان پاڻ کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيندس جنهن جي ذميواري روينيو کاتي وارن جي هوندي

بقايا 04 سنڌيار

ڪندي ۽ پريس ڪانفرنس ڪندي ايس ايس پي ٽنڊوالهيار کي ڏانهنيندي چيو ته سيد طارق علي هڪ ننڍي هوٽل هلائيندو آهي جنهن کي پوليس ڪانسٽيبل وسيم قاضي کان چانهه جي پئسن جو مطالبو ڪيو ته وسيم قاضي مڇرجي سيد طارق جي مٿان چانهه هاري ڇڏي ۽ گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو ۽ دشمني اٽڪري وڌائي ڇڏي جو پنهنجن پٽن معز قاضي ۽ منيب قاضي ۽ ڪجھ نامعلوم ماڻهن سان ملي ڪري سيد طارق جي گهر تي پڻ چڙهائي ڪئي ۽ گهر جي عورتن کي به گار گند ڪئي ۽ پنهنجي وردي جو ناجائز فائدو وٺي سيد طارق علي سيد واجد علي ۽ سيد ساجد علي تي ڪوڙي ڪيس ۾ لاڪپ ڪرائي ڇڏيو وڌيڪ سيد طارق علي جي گهر جي عورتن جو چوڻ هو ته اسان جي ايف آئي آر به ڪون پئي ڪٽي وڃي اسان جي گهر جي ڪفالت ڪندڙ مرد لاڪپ ٿيل آهن اسان ڊي آئي جي حيدرآباد ايس ايس پي ٽنڊوالهيار کي اپيل ٿا ڪيون ته پوليس ڪانسٽيبل وسيم قاضي ۽ ان جي پٽن معز ۽ منيب قاضي کان اسان کي تحفظ ڏنو وڃي ۽ اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 05 سنڌيار

پنهيار تڏي تي مارجي ويو جڏهن ته نصرالله جعفري ۽ شاهه بخش جعفري زخمي ٿي پيا زخمين مان نصرالله جعفري کي آربي يوٽي اسپتال ۾ علاج جي اٿهوند سبب سکر ريفر ڪيو ويو جنهن سکر اسپتال ۾ دم ڏنو حوالي ڪيو واقعي بعد هٿياربند فرار ٿي ويا ۽ شهر ۾ خوف واري صورتحال ڇانئجي وئي مارجي پنهي مقتولن پوروهيت محمد حسن پنهيار ۽ نصرالله جعفري جا مڙهه ضروري ڪاروائي بعد وارثن حوالي ڪيا ويا جڏهن ته شاهه بخش شر معمولي زخمي آهي جنهن جو علاج پڻ سکر ۾ هلندڙ آهي. بئي پاسي پوليس جو چوڻ آهي ته واقعو ذاتي دشمني لڳي رهيو آهي هو وڌيڪ جانچ ڪري رهيا آهن آخري اطلاعن تائين نه واقعي جو ڪيس داخل ٿي سگهيو هو نه ڪا گرفتاري عمل ۾ اچي سگهي هئي.

بقايا 06 سنڌيار

جي پٽ کي جهلي پلاسٽڪ جي ٿيلي ۾ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي اوچتو ٻين ٻارڙن ڏسي شور مچايو ته عورتون گڏ ٿي ويون اغواڪار شور شرابي تي فرار ٿي رهيو هو ته ڳوٺاڻن گڏجي فوري ڳوٺ جو گهيرائو ڪري اغوا ڪندڙ ڳولي پڪڙي ورتو ٻار کي اغوا ڪندڙ پشتو زبان ڳالهائيندڙ هو جنهن کي پوليس جي حوالي ڪيو ويو پوليس اغوا ڪار کان وڌيڪ پڇا ڳاڇا ڪندي جانچ ڪري رهي آهي

بقايا 07 سنڌيار

علي عباسي ڳوٺ سرائي سلطان، ڳوٺ واهوڇا ۽ نصير آباد ۾ به مختلف برادرين تعزيتون ڪيون. ڊاڪٽر صفدر علي عباسي ڳوٺ حيتم سوهو به پهتو جتي طفيل موريو جي پٽ جي سالگرهه جي تقريب ۾ شرڪت ڪئي . تقريب جي موقعي تي ڊاڪٽر صفدر علي عباسي ۽ بئريسٽر ڪاظم علي عباسي پڻ سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو. ان موقعي تي عوامي اتحاد جي ڪنوينر ڊاڪٽر صفدر علي عباسي چيو ته مهانگائي جي طوفان عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. بحران ڪانپوءِ هڪ ٻيو بحران حڪمرانن جي ناڪامي آهي ميرپورخاص ۾ اٽي جي قطار ۾ بيٺل هڪ شخص جي فوت ٿيڻ تي سخت افسوس آهي. مهانگائي جو سلسلو بند نه ٿيڻ ڪري عوام خودڪشيون ڪري رهيو آهي. حڪمرانن جي ناڪامي ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي. ؟ جيڪڏهن اهو سلسلو بند نه ٿيو ته ملڪ لامحدود مسئلن کي منهن ڏيندو. ان موقعي تي منظور عباسي، عرفان لاشاري، سرفراز عباسي پڻ ڊاڪٽر صفدر علي عباسي سان گڏ هئا.

بقايا 08 سنڌيار

۽ ان جي پوليس ٽيم ڌوهارين سان مبينا پوليس مقابلي دوران مغوي کي بازياب ڪرائي ورتو گهيلپور ٿاڻي جي پوليس جو چوڻ آهي ته ڳجهي اطلاع تي نهڙ پتڻ ڪچي واري علائقي ۾ ڌوهارين سان فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي مغوي کي اغوا ڪار ڇڏي ڪچي طرف فرار ٿي ويا آهن

ڪجھ ڏينهن اڳ حسن رضا کي ڪچي طرف اغوا ڪيو ويو هو

بقايا 09 سنڌيار

دوائون چشما آپريشن سان گڏ ڪاڌي پيتي ۽ رهائش ۽ جون مفت سهولتون ڏنيون ويون فري ڪيمپ جي ٽئين ڏينهن امريڪي پاڪستاني پبلڪ افيئرس ڪميٽي ۽ چلڊرن آف آدم پاران برسات متاثر عورتن لاءِ الگ الگ 2 ويون تقريبون منعقد ٿيون . جنهن جا ڊپٽي ڪمشنر خيرپور شرجيل نور چنا ايس ايس پي خيرپور مير روحل خان کوسو اپيڪ جو چيئرمين ڊاڪٽر طارق ابراهيم ۽ بول نيوز جو چيف آفيسر فيصل عزيز خان . تقريبن جا مهمان خاص هيا تقريب ۾ ايم ٽي اي جي مرڪزي اڳواڻن حاجي منير احمد آرائين، حاجي عبدالمجيد آرائين، ياسر يونس آرائين ۽ احد منير آرائين سيني آيل مهمانن کي پليڪار ڪيو ۽ آيل مهمانن کي سنڌ جا ثقافتي تحفا پيش ڪيا ۽ ڪيمپ جو دورو ڪرايو. ان موقعي تي ڪيمپ ۽ ٻوڏ متاثرن ۾ امدادي ڪمن بابت تفصيلي بريفنگ پڻ ڏني وئي ۽ متاثر 300 کان وڌيڪ عورتن ۾ گرم ڪپڙا ورهايا ويا ۽ ڪيمپ جي آخري ڏينهن تي گڏيل طور تي دعائي خير پڻ ڪئي وئي. جڏهن ته ڊاڪٽر ملڪ محمد افضل ،ملڪ ڊاڪٽر خليق الرحمان آرائين ،ڊاڪٽر محمد بلال ،ڊاڪٽر عبدالقادر مهر ،ڊاڪٽر الله ڏنو ،ڊاڪٽر عدنان ۽ ٻين ڪئمپ ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر شير جيل نور چنا، ايس ايس پي روحيل خان کوسو، ڊاڪٽر طارق ابراهيم ۽ فيصل عزيز خان پنهنجي تقريرن ۾ ڪيمپ ۾ فراهم ڪيل سهولتن جي واکاڻ ڪئي ۽ چيو ته برسات متاثرن سميت غريبن ۽ مسڪينن جي خدمت ۾ ڀرپور حصو ورتو آهي. اهڙا انسان دوست اسان جو سرمايو آهن. حڪومت اڪيلي سر ڪجھ نٿي ڪري سگهي، تنهن ڪري مخير حضرات کي گهرجي ته قدرتي آفتن ۽ حادثن جي موقعي تي فلاحي ڪمن ۾ حڪومت جو هٿ ونڊايو ڪيمپ ۾ شهر جي مخير حضراتن پاران ڪيئمپ ۾ مريضن لاءِ ڪاڌي پيتي جو انتظام ڪيو ۽ شهر جي مختلف هنڌن تي بينر پڻ لڳايا ويا. ان موقعي تي سيڪيورٽي جا پڻ انتظام ڪيا ويا هئا. ان موقعي تي پوليس جو جوانن سان گڏ اسڪائوٽ جو نوجوانن به پنهنجا فرض سرانجام ڏنا ڪيمپ ۾ . خيرپور سميت سکر نارو آر ڊي 186 صالح پٽ نوشهروفيروز گهوٽڪي لاڙڪاڻو ڪنڊرا ٻيرلوءِ ۽ ٻين شهرن ۽ ڳوٺن مان مريضن جي اکين جو معائنو ڪيو ويو ۽ آپريشن ڪيو ويو ڪئمپ ۾ سياسي، سماجي، ڪاروباري شخصيتن، ادبي صحافين. اسڪائوٽس گروپس ليڊرن سميت معززين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. ۽ دورو ڪيو ۽ ايم ٽي اي جي خدمتن کي ساراهيو....

بقايا 10 سنڌيار

سيٺارجا ۾ حسين بخش کهر عاشق حسين طارق حسين راڄپر علي گل کهر سجاد علي کهر فداحسين بلوچ شفيع محمد ملاح ۽ ٻين پريس ڪلب تي احتجاج ڪيوان وقعي تي اڳوڻن چيو ته محرابپور ۾ پاڻ جي ڊيلر باثر پاران امتياز ميمڻ صحافي ڌمڪيون ڏيڻ واري عمل جي مذمت ڪيون ٿا ۽ اهڙي حرڪت ڪندڙ پاڻ ڊيلر کي ڪڏهن به بخش نه ڪبو صحافين کي حراسان ڪرڻ بند ڪيو وڃي هنن چيو ته پاڻ ڊيلر هڪ مها ڪرپٽ آهي هن خلاف ايس ايس پي وٽ درخواست ڪئي پر ان به جو رليف ناهي ڏنو ويٽر باثر اسان جي صحافي کي ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي هنن ڊي آءِ جي سکر کان گهر ڪئي ته معاملي جي انڪوائري ڪرائي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 11 سنڌيار

اٽو 130 کان 160 روپين تي وڃي پهتو. ماهوار ڪوٽا ونندڙ فلور ملز ۽ اٽي چڪي مالڪان به اٽو 120 کان 150 روپين ۾ وڪرو ڪرڻ لڳا. شهر اندر 5 فلور ملز ۽ متعدد اٽي چڪي مالڪان سرڪاري ڪوٽا ڪڻڪ باوجود هڪ ڪلو اٽو به سرڪاري اگه تي وڪرو نه ڪيو. اسان ڊي ايف سي آفيس مان ڪڻڪ جي في بوري تي 2 هزار روپيا رشوت ڀري ماهوار ڪوٽا وٺون ٿا. ته پوءِ اسان اٽو چو سرڪاري اگهه تي ڪپايون. فلور مل ۽ اٽي چڪي مالڪن جو موقف تفصيلي رپورٽ موجب سيٺارجا ۾ اٽي جي اگهن ۾ ڳاتي توڙ اضافو غريب عوام 2 ويلاماني کپي جي لاءِ پريشان آهي جڏهن ته سنڌ حڪومت اربين روپيا سبسڊي ڀري خوراڪ کاتي خيرپور جي معرفت هر مهيني سيٺارجا جي مختلف 5 فلور ملز ۽ اٽي چڪي مالڪن کي مقامي علائقي جي ڪوٽا طور ماهوار هڪ هزار مڻ ڪڻڪ کان وڌيڪ سرڪاري اگه تي فراهم ڪري ٿو مگر فلور ملز ۽ اٽي چڪي مالڪان اها سرڪاري اگه تي فراهم ڪيل ڪڻڪ جو ڪڏهن به شهر يا ٻهراڙين ۾ استال ناهي لڳايو نه وري پنهنجي ملن تي ڪنهن به مسڪين کي هڪ ڪلو اٽو به سرڪاري مقرر اگه تي ڏنو آهي ۽ سرعام 130 کان 160 روپين ۾ وڪرو ڪري رهيا آهن. فلور مل مالڪان ۽ اٽي چڪي مالڪان هڪ هٽي قائم ڪري ورتي آهي جنهن ڪري سرڪار پاران مقرر اگه تي تاحال عمل ناهي ٿي سگهيو. شهري توڙي ٻهراڙيءَ جو پوروهيت طبقو سستو اٽو خريد ڪرڻ لاءِ فلور ملن ۽ اٽي چڪين تي دربدر ٿيندي نظر اچن ٿا. ان سلسلي ۾ ضلعي ۽ تعلقي ميرواهه انتظاميا اڳهور ننڊ ستل آهي جنهن سبب سرڪاري پاران پريل اربين روپين واري سبسڊي جو غريب عوام کي ڪو به رليف ناهي ملي سگهيو اها ڪروڙين روپين جي ڪرپشن جو ڪمايل ناجائز پئسو فلور مل مالڪن ۽ اٽي چڪي مالڪن سميت خوراڪ کاتي جي ڪامورن جي پيٽ ۾ هليا وڃن ٿا،ان سلسلي ۾ سيٺارجا ۾ قائم چڪي مالڪن طرفان اهو پڻ انڪشاف ڪيو ته اسان في بوري تي 2 هزار روپيا رشوت ڀري ڊي ايف سي آفيس خيرپور مان ڪڻڪ ڪٽي اچون ٿا پوءِ اسانجي مرضي آهي اٽو ڪيتري به اگهه تي ڪپايو اسان کان ڪير به پڇڻ وارو نه آهي،جڏهن ته هن سلسلي ۾ انتظامي عملداري اي سي ،مختيار ڪار سميت ڪنهن به فلور ملن کي ان سلسلي ۾ پابند ناهي بڻايو ويو ته توهان جڏهن سرڪاري ريٽ تي ڪڻڪ خوراڪ کاتي کان وٺي رهيا آهيو ته پوءِ مهانگو اٽو چو کپائي رهيا آهيو هتان جي غريب عوام سنڌ حڪومت کان گهر ڪئي ته فلور مل مالڪن خلاف ڪاروائي ڪري غريبن تائين سستو اٽو مهيا ڪيو وڃي هئي طرف سيٺارجا شهر اندر اهيو پڻانڪشاف ٿيو آهي ته سيٺارجا شهر ۾ 5 فلورملن ڪيڊي ايف سي پاران هر مهيني 96 ٻوريون ڏنيون وينديون آهن جن مان صرف به فلور ملون هلندڙ آهن باقي تي فلور مل مالڪن

پاران سرڪار کان ورتل ڪٽڪ واپارين کي وڪرو ڪئي پئي س

بقايا 12 سنڌيار

تي ڪارروائي ڪندي ريپ ڪيس ۾ گهربل هڪ جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪئي آهي. ان سلسلي ۾ ون فائيو مددگار پوليس انچارج زبير سومرو جو چوڻ آهي ته ناري سان ريپ ڪيس ۾ گهربل جوابدار شاهد منگي کي گرفتار ڪيو آهي. جوابدار شاهد علي پٽ غلام محمد منگي ۽ سندس ساٿين 2014 ۾ ناري سان ريپ ڪيو هو جنهن جو راڻيپور ٿاڻي تي رازق عرف ڪراڙو پيلار جي فرياد تي ايف آءِ آر نمبر 78/2014 قلم 376/2 پي پي سي تحت ڪيس داخل ٿيل آهي. گرفتار جوابدار غلط نالو ٻڌائي فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڪيس گرفتار ڪري ورتو

بقايا 13 سنڌيار

اعجاز حسين شاهه بخاري پڻ خصوصي طور شرڪت ڪئي ان موقعي تي تعليم کاتي جي ضلعي عملدارن ، پ ٽ الف عهديدارن توڙي استادن ۽ سول سوسائٽي جي نمائيندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ريلي سان خطاب ڪندي ايم پي اي سيد اعجاز حسين شاهه بخاري ، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر ايليمينٽري سيڪنڊري سيد اڪبر شاهه ، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري حاجي عبدالوهاب نظاماڻي ، چيف مانيٽرنگ آفيسر عبدالحليم لغاري ، پ ٽ الف اڳواڻ حاجي شفيع محمد سنيو ، تعلقه ايجوڪيشن آفيسر راجا نثار ميمڻ ، سماجي اڳواڻ ايڊوڪيٽ واجد نوتڪاڻي ، سابق ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر حاجي اشرف ميمڻ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته تعليم جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ اسان سڀني کي وس آهر ڪوشش ڪرڻ گهرجي حڪومت سنڌ مفت تعليم فراهم ڪري رهي آهي اچوڪي ريلي جو مقصد عوام آڏو اها واضح ڪرڻ آهي ته اسين سرڪاري اسڪولن جي مالڪي ڪريون ۽ تعليم جي بحالي لاءِ هر ممڪن سهڪار ڪريون استادن تي پڻ فرض آهي ته هو جهر جهنگ ۾ هنن ٻارڙن کي اسڪولن ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جيڪي ڪن سببن جي ڪري تعليم جي حاصلات کان محروم بڻيل آهن . حڪومت سنڌ جي پاليسين تحت تعليم جي بهتري لاءِ اسان سڀني کي گڏجي اڳتي وڌي معاشري ۾ تبديلي آڻڻ لاءِ تحرڪ وٺڻو پوندو تنڊومحمدخان ۾ تعليم جي شرح ۾ واڌاري لاءِ پڙهندي سنڌ وڌندي سنڌ جي سري هيٺ ڊسمبر کان تحريڪ هلي رهي آهي جنهن تحت هزارين ٻارڙن کي تعليمي سهولتون فراهم ڪري رهيا آهيون پر هي جدوجهد سموري سال جاري رهندي ۽ اسان جو عزم آهي ته سال 2023 ۾ تنڊومحمدخان جي جهر جهنگ ۾ ٻارڙن کي خاص ڪري نياڻين کي تعليم ڏيارڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا سين ان موقعي تي پ ٽ الف اڳواڻ عارف قريشي ، شاهنواز مهر ،غلام حسين ڪاٽيار ، اسلم رونجهو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

بقايا 14 سنڌيار

لڪيل هو جڏهن ته هدايتڪار رمشا شهزادي هئي. ڪردار نڀائيندڙ ٿي وي ۽ اسٽيج جا نامياري اداڪار ۽ اداڪارائون هيون. انهن ۾ احمد پناهه ، رمشا شهزادي،عاشق ڏايو: لاريب سڄڻ: سجاد سومرو ۽ ٻيا شامل هئا جڏهن ته پروگرام جي ڪمپيئرنگ سنڌ جي مشهور ۽ بهترين ڪاميڊين سهراب سومرو ڪئي ڊرامي دوران هال ۾ ويٺل ماڻهن پاران ڪردارن ادا ڪندڙن کي ڀرپور داد ڏنو ويو ڊرامي کان اڳ پروگرام جي خاص مهمان سکر آرٽس ڪائونسل جي صدر ممتاز بخاري: ثقافت کاتي سکر جي ڊائريڪٽر امتياز ميمڻ چيو ته سکر آرٽس ڪائونسل ۾ سکر ۽ ڀرپاسي جي ماڻهن کي تفريح ڏيڻ لاءِ بيو پيرو هي اسٽيج ڊرامو پيش ڪيو ويو آهي . اسٽيج ڊرامو سنڌ جي ادب ۽ فن ۾ وڏي سڃاڻپ رکندڙ آهي. عوام کي پنهنجي زندگيءَ جا اولڙا ڏسڻ جو سڌو سنئون موقعو ملي ٿو هنن جو وڌيڪ چوڻ هو ته ثقافت کاتي سنڌ پاران ڪلچرل ڪامپليڪس ان حوالي سان ڪارائتو ثابت ٿيندو هن چيو ته ناٽڪ ڪرڻ انتهائي ڏکيو فن آهي پر ان سان لاڳاپيل آرٽسٽ اهو ڪم ڪري واکاڻ وصول ڪن ٿا ۽ ماڻهن جي چهرن تي مرڪون آڻين ٿا.

بقايا 15 سنڌيار

جي مرڪزي اڳواڻ الطاف راهوجو، ضلع صدر رامجي ڪولهي، عوامي تحريڪ ضلع بدين جي نائب صدر مهراڻ درس، جنرل سيڪيٽري ايڊووڪيٽ فاضل زئور، سنڌي شاگرد تحريڪ ضلع بدين جي صدر حبيب ڪلوئي، ايڊووڪيٽ محبت هاليپوٽو، مرتضا جمالي، مرتضا شام، نوجوان شاعر زاهد گل جمالي، سريش ڪمار پيل، جبار درس، مجيد جمالي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سراج هاليپوٽو سنڌ جي تاريخ ۾ ننڍي عمر جو تعليمدان ۽ اردو ٻولي جو وڏو شاعر هو جيڪو هڪ غريب گهر ۾ پوريهيو ڪري پليو ۽ پڙهيو ۽ هي ڪميشن پاس ڪري اردو ٻوليءَ جو ليڪچرار طور ڀرتي ٿيو پر بدقسمتي سان هو هڪ ڳجهارت بنيل حادثي جو شڪار ٿي ويو جنهن سان ڏاڪٽي سنڌ جي تعليم جو ڏيئو وسامي ويو هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ تي هڪ اهڙو ظالم طبقو حڪمران آهن جنهن کي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان ڪو به واسطو ناهي جن جي ڪرپشن جي ڪري سسورا ادارا، سسورا روڊ تباهه حال بنيل آهن جنهنڪري سڄي سنڌ جا تعليمي ادارا، صحت جا ادارا، پاڻي جا قدرتي وهڪرا توٽي آبپاشي نظام ۽ پوليس کاتو نظرئي نٿا اچن ڪڏهن سنڌ ٻوڙي وڃي ٿي ڪڏهن سنڌ کي سڪايو وڃي ٿو ۽ سنڌ جا روڊ ته ڪوس گهر بنيل آهن جنهنڪري روزانو ڪيترائي ماڻهو قتل ٿين ٿا پر ڪو به انتظام يا قانون ناهي جو روڊن تي هي موت جو راڪاس روڪي سگهي انهي موقعي تي تعزيتي ميڙاڪي ۾ گهر ڪئي وئي ته هن روڊ حادثي ۾ ملوث گاڏي جي ڊرائيور کي پڪڙي ظاهر ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ عوامي تحريڪ پاران سڄي ضلع ۾ احتجاج ڪري روڊ بند ڪيا ويندا

بقايا 16 سنڌيار

جنوري تي مرڪنڊ کان وارهه تائين، 22 جنوري تي ڳاجي کهاوڙ نصيرآباد تائين، 26 جنوري تي باءِ پاس کان قمبر تائين، 27 جنوري تي قمبر کان لاڙڪاڻي تائين شارٽ مارچ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. 17 جنوري تي شهيد عوام فاضل راهو جي ورسي ۽ 20 جنوري تي رسول بخش پليجو جي سالگره ملهائي ويندي. 12 فيبروري تي ڪراچي ۾ ڏاري آبادڪاري، سنڌ جا وسيلا وفاق جي حوالي ڪرڻ خلاف ٿيندڙ ريلي ۾ ضلعي قمبر شهدادڪوٽ مان ڀرپور شرڪت جي رٿابندي ڪئي وئي. ان موقعي تي ڳالهائيندي وڪيل ساجد مهيسر، عرفان

منان، غلام مصطفيٰ چانڊيو، اياز جمال، جاويد چنه، نوريز چانڊيو، محبوب راهوجو، مجيب چانڊيو، محسن رضا، آفتاب همٿ ۽ ٻين چيو ته سنڌ جا وسيلا ٿين وال ڪرڻ لئه پ پ پ ۽ وفاق ٻٽ ٻنيل آهن. ڏارين کي هڪ منصوبابندي تحت آباد ڪيو پيو وڃي، هٽرادو ٻوڙ آئي حڪمرانن سنڌي ماڻهن ٻوڙي معاشي حساب سان مرڻ ڪنڌي تي پهچائي ڇڏيو آهي. انهن سڀني سنڌ دشمن رٿائن ۽ ڪم خلاف عوامي تحريڪ 12 فيبروري تي ڪراچي ۾ شاندار ريلي ڪڍي سنڌ دشمن منصوبن کي رد ڪندي. سنڌي قوم کي گهرجي ته هو پنهنجي جيئڻ مرڻ جي مامرن تي سڀ ويڇا وساري متحد ٿي ٻڌي جو ثبوت ڏئي.

بقايا 17 سنڌيار

سليم ميمڻ ڪريم بخش بروهي ثاقب رحمان سليم جي ميمڻ انورجاموٽ پپو خير بخش ميمڻ علي احمد ميمڻ زبير پاپڙو اختر خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ ريلي مراد ميمڻ مان هزارن تعداد ۾ سلمان ٽاور رواني ٿي اتي ريلي سلمان عبدالله مراد جي قيادت ۾ شامل ٿي سلمان ٽاور کان ريلي ۾ سلمان عبدالله مراد جي قيادت ۾ بلاول هائوس رواني ٿي ريلي ۾ ايم پي راجا رزاق بلوچ ايم پي اي سليم بلوچ جان محمد بلوچ ايم اين اي آغا رفيع الله جي ريلي به شامل ٿي ريلي هزارين ڪارڪنن سان رواني ٿي جيڪا ڪراچي پريس ڪلب پهتي جتي قائدين خطاب ڪيو ۽ جئي ڀٽو جا نعرا گونجڻ لڳا انهن خطاب ڪندي چيو ته ڪراچي سنڌ جو حصو آهي ڪراچي ڪنهن جي جاگير ناهي ڪراچي پيپلز پارٽي جي آهي اڄ سڀني جيالن ۽ شهيد راڻي جي چاهيندڙن ثابت ڪري ڏيکاريو ته ڪراچي پيپلز پارٽي جي دل آهي ڪراچي جو ميئر پيپلز پارٽي جو ٿيندو ۽ 15 جنوري تي پيپلز پارٽي جا اميدوار ڪنهي سوپ ماٽيندا اڄ عوام جي سمندر ثابت ڪري ڏيکاريو ته ڪراچي پيپلز پارٽي جي آهي ملير لياري سميت ٻين ضلعن ۾ فتح پيپلز پارٽي جي ٿيندي آخر ۾ ريلي بلاول هائوس ڏانهن رواني ٿي

بقايا 18 سنڌيار

تحريڪ، جيئي سنڌ محاذ سنڌي ادبي سنگت سميت ٻين قومپرست تنظيمن جي اڳواڻن ڊاڪٽر مظهر مغل، در محمد برڙو، لال شاهه، گل دايو سميت ٻين اڳواڻن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته افغان پکوڙن ۽ ٻين دهشتگردن کي غيرقانوني طور سنڌ ۾ آڻي سنڌي قوم کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش سان گڏ هاڻي وري وفاقي حڪومت غيرقانوني نوان صوبا ناهڻ لاءِ ڪاميٽي ناهي جيڪو عمل سنڌي قوم جي دشمني ۾ آهي جنهن کي اسين غير آئيني سمجهون ٿا تنهن ڪري سنڌ ۽ سنڌي دشمن روبي خلاف سنڌ ايڪشن ڪاميٽي لاڙڪاڻو ڊويزن طرفان اڄ 24 ڪلاڪن جي علامتي بک هڙتال ڪئمپ قائم ڪئي ويندي اسين مطالبو ٿا ڪيون ته فوري طور غيرقانوني طور سنڌ ۾ ترسيل افغاني پکوڙن کي نيڪالي ڏئي نوان صوبا ناهڻ لاءِ جوڙيل ڪاميٽي کي ختم ڪري سنڌ واسين ۾ ڇانيل بيچيني ختم ڪئي وڃي ٻي صورت سنڌ جي هر شهر ۾ احتجاجي مظاهرا ڪري ڌرڻا هنيا ويندا.

بقايا 19 سنڌيار

ڪلو اٽي تي گذارو آهي) سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ کان پوءِ مشهوري ماڻي ورتي آهي. سنڌ ۾ ڳاتي توڙ مهنگائي ۽ اٽي جو اگهه وڌي وڃڻ ڪانپوءِ ٽنڊوباگو جي نوجوان فنڪار اخلاق احمد خاصخيلي هڪ غريب شاعر ڏاڙهون ڏڪايل جو ڳايل گيت سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ کان پوءِ هزارين ماڻهو اٽي جي مهنگائي تي ٺهيل هن گيت کي پسند ۽ شيئر ڪري رهيا آهن. شاعر پاران هن گيت ۾ غريب ماڻهن جي بهترين عڪاسي ڪئي آهي.

بقايا 20 سنڌيار

موقعي تي احتجاج جي اڳواڻي ڪندڙ عمران مهر، بابو مهر، مور مهر سماجي ورڪرن وحيد سانگي، الطاف پنو ۽ ٻين سان گڏجي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جي برادري جو معزز شخص مير بهادر مهر ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي ۾ سينئر پروڊيوسر طور پنهنجي ڊيوٽي سرانجام ڏيندو آهي. جيڪو ڪجھ ڏينهن اڳ آفيس مان موڪل وٺي ايران ۽ عراق زيارتن تي ويل هيو هنن الزام لڳايو ته مير بهادر مهر جي غير موجودگي ۾ ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي جي اسٽيشن ڊائريڪٽر علي مراد ٽانوري سنڌس آفيس ۾ اچي اتي لڳل اسان جي معزز سردارن علي گوهر مهر، محمد بخش مهر، غوث بخش مهر سميت پيپلز پارٽي جي اڳواڻن فريال تالپر، سهيل انور سيال، طارق انور سيال، جي ڊي اي اڳواڻ معظم عباسي ۽ ٻين شخصيتن جون تصويرون لهرائڻ بعد انهن تصويرن کي ڦاڙي انهن جي بيحرمتي ڪئي آهي. جنهن عمل خلاف اسان ريڊيو پاڪستان اسلام آباد جي هيڊ آفيس ۾ شڪايتون ڪيون آهن. پر تنهن باوجود هن وقت تائين ڪو تدارڪ ناهي ڪيو ويو، جيڪا سراسر ناانصافي آهي. هنن ريڊيو پاڪستان اسلام آباد جي اعليٰ عملدارن سميت پيپلز پارٽي جي قيادت کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي جي اسٽيشن ڊائريڪٽر علي مراد ٽانوري کي فوري طور تي هٽائي سندس مٿان ڪيس داخل ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 21 سنڌيار

علي سهتو، شڪيل احمد چڇڙو ، يوٿ ڪاميٽي جي اڳواڻ فياض علي شيخ ڪيي. ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته ملڪ ۽ قوم جي ترقيءَ جو دارومدار بهتر کان بهتر تعليم پراڻڻ تي آهي اسان وڌ کان وڌ تعليم حاصل ڪري پنهنجي قوم ۽ ملڪ جو نالو روشن ڪريون هنن چيو ته اسان کي وڌ کان وڌ پنهنجي نياڻين کي تعليم ڏيارڻ گهرجي ان موقعي اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ هيو ته سنڌ جي تعليم کي هٽ سان تباهه ڪيو پيو وڃي - جنهن ۾ وڏي ۾ وڏو هٿ هتان جي پوتارڪي نظام جو آهي .هنن چيو ته سنڌ جي هارين مزدورن ۽ ريڙهي وارن کي اپيل ڪنداسين ته ڪوشش ڪري پنهنجي ٻچن کي تعليم جي زيور سان نوازيو ته جيئن سنڌ جو مستقبل روشن ٿي سگهي تي گڏ اوهان به پنهنجو مستقبل سنواري سگهو. ان موقعي تي تعليم پرايو سنڌ سنواريو جا نعرا پڻ هنيا ويا.

بقايا 22 سنڌيار

ضرور ڏين انهي کان پوءِ ڊپٽي ڪمشنر آغا شاهنواز خان بدين شهر جو پڻ اچانڪ دورو ڪيو هن شهر مان حدخلي ختم ڪرڻ لاءِ پوليس کي پڻ هدايتون ڏنيون هن چيو ته حدخلين شهر جي قدرتي سونهن وڃائي ڇڏي آهي هن وڌيڪ چيو ته حدخليون ختم ڪرڻ لاءِ شهري

ضلعي انتظاميه سان سهڪار ڪن هن شهر ۾ مختلف اٽي چڪين جو پڻ دورو ڪيو ۽ عوام کي سستو اٽو فراهم ڪرڻ لاءِ اٽي چڪي مالڪان کي اسٽال لڳائڻ لاءِ پڻ هدايتون ڏنيون

بقايا 23 سنڌيار

مرڪز ۾ چوڪرن ۽ چوڪرين سان گڏ عورتن ۽ ٻارن تي تشدد کي روڪڻ ۽ انهن معاشري جو هڪ مهذب شهري تصور ڪرڻ جي اعتبار سان انساني حقن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان هڪ گڏجاڻي ڪوٺائي وئي. جنهن ۾ نوجوان اسد جمالي ـ فيضان ميمڻ ـ سرمشتاق ميمڻ ـ محمد افضل قريشي ـ احمد خان ـ نور محمد جاڪرو ۽ ٻين نوجوانن پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو. نوجوان چوڪرن ۾ تشدد کان پاڪ خاندان پيدا ڪرڻ ۽ سٺو ليڊر پيدا ڪرڻ لاءِ آگاهي ڏني وئي. سيشن ۾ آگاهي ڏني وئي ته عورت هر قدم تي آزادي چاهي ٿي، چاهي اهو ڪم ڪرڻ جي جڳهه هجي، بازار هجي، تعليمي ادارو هجي يا ڪو هنڌ. جنهن لاءِ مردن کي پنهنجو رويو بدلائڻو پوندو ڇو ته ڪو به سماج عورت کان سواءِ ممڪن ناهي. ان موقعي تي عورت فائونڊيشن جي پروجيڪٽ آفيسر سونيا انصاري پڻ موجود هئي

بقايا 24 سنڌيار

۽ پوليس اهڪار مقرر ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو آهي سکر جي آباد ٿاڻي جي حد سوسائٽي جي پوليس چوڪي تي طاهر ڪوسو سائيٽ ايريا ٿاڻي جي حد سبزي منڊي پوليس چوڪي تي نواب ماڪو. سائيٽ ٿاڻي جي حد گوليمار چوڪي تي پوليس اهلڪار ۽ نيوپنڊ ٿاڻي جي حد ماءِڪرو ڪالوني پوليس چوڪي تي پوليس اهلڪار عمران ڪوسو اڙ پورٽ ٿاڻي جي حد سعيد آباد پوليس چوڪي تي بهرام بداڻي سميت ڪيترن پوليس چوڪن تي پيراڊو ۽ پوليس اهلڪار انچارج بڻيل آهن جن کي اين سي داخل ڪرڻ نه ٿي اچي ايس ايس پي سکر پوليس اهلڪارن ۽ پيراڊن کي سکر ضلعي جي پوليس چوڪن تي انچارج مقرر ڪري ڇڏيو آهي ذريعن جي ڄاڻ موجب اهي چوڪن تي مقرر ٿيل ڌوهارين جا سهولتڪار بڻيل هڻ جو انڪشاف ٿيو آهي اهو ب ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ته اهي ڌوهارين ۽ منشيات فروشن توڙي سماجي براين ۾ ملوث آهن انهن جي سرپرستي ڪري رهيا آهن اهڙي طرح سبزي منڊي چوڪي انچارج نواب ماڪو جا سبزي منڊي اندر آڪڙا پرچي جا 2 دڪان ناصر ماڪو هلائي رهيو آهي جيڪو هن جو ويجهو مائٽ آهي ۽ ڪليم عرف ڪلو ماڪو ماڪا ڳوٺ ۾ 2 وڏا دڪان آڪڙا پرچي جا آهن جن ۾ هڪ پاءِ ۽ ناصر ماڪو سالو اٽس سکر جي ڊگري ڪاليج سکر جي پنين پاسي پرنسپال جي آفيس آڏو طاهر ماڪو جمع جي پلاڙي ڏينهن تي چڪوجي وڏي راند لڳين رهين جي هلائيندو آهي پوليس اهلڪار ۽ سبزي منڊي چوڪي انچارج نواب ماڪو سبزي منڊي ۾ ايراني تيل هلائيندڙن جي ب سرپرستي ڪري پيو ۽ بورڊ آفيس وٽ پڙي. سبزي منڊي اندر پڙي. گهنٽا گهر مهراڻ مرڪز چوڪ وٽ پڙيون رکائي ان تي گٽڪو پان پراگ ۽ ٻيون نشي آور شيون هلرائي ٿو جنهن جي سرپرستي سبزي منڊي چوڪي انچارج نواب ماڪو خود ڪري رهيو آهي اهڙي طرح آباد طاهر ڪوسو سوسائٽي اندر رات جو هوٽلن تي آئيس نشو هوم ڊليوري ڪرائڻ ۾ اڳيرو آهي سعيد آباد چوڪي انچارج بهرام بداڻي ڪچي جو سرڪاري ڪاٽ ڪترائي ڪاٺيون پٺاڻن کي وڪرو ڪري پيو نيو پنڊ ٿاڻي جي حد اندر ماءِڪرو ڪالوني چوڪي انچارج عمران ڪوسو ڳوٺ بلاول ڪوسو ۾ رزاق ڪوسو ۽ ٻين جي سرپرستي ڪري رهيو آهي جيڪي منشيات فروش آهن جن جا ڳوٺ اندر ڪچي شراب جون ڀٽيون ۽ هيرون وڪرو ڪري رهيا آهن ۽ ماءِڪرو ڪالوني جي حد اندر آڪڙا پرچي سري عام هلائڻ جي کلي ڇوٽ ڏني ڇڏي آهي اهڙي طرح مقرر ڪيل پيراڊو ۽ پوليس اهلڪار چوڪن جا مالڪ بڻيل آهن ضلعي اندر ڌوهارين ۽ منشيات فروشن جا ساٿاري سڏجن ٿا پر ايس ايس پي سکر سنگهار ملڪ جا ڪمائو پٽ هڻ ڪري انهن کي ڪير ب هٽائي نٿو سگهي سياسي سماجي سڃاڻ ڌرين آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ ڊي آءِ جي سکر جاويد احمد جسڪاڻي کان مطالبو ڪندي چيو آهي ته پوليس چوڪن جي پوليس اهلڪارن پيراڊن کي هٽائي اتي اي ايس آءِ کي مقرر ڪيو وڃي جيءَن هو عوام کي لڳ ڏئي سگهن مقرر ٿيل پوليس اهلڪار ۽ پيراڊو ڌوهارين جا سهولتڪار بڻيل آهن انهن جي جاچ ڪري انهن مٿان قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي

بقايا 25 سنڌيار

قريشي پريس رليز جاري ڪندي چيو ته اسانجي خاندان پٽن سان پوري زندگي ۾ بي وفائي نه ڪئي آهي نڀايو آهي لوٽا ٿياسين نه وري ڊنڊ جا پڪي ٿياسين مون پهريون ووٽ پيپلزپارٽي کي دادو کان سائيڪل تي چڙهي ڏڍ پولنگ اسٽيشن ۾ ڏئي آيس ۽ 2018 جي اليڪشن تائين بغير ناڳي بغير ڪنهن لالچ جي 50 سال ووٽ ڏنا آهن آخر ۾ پنهنجو ٻچڙو به قربان ڪيو پيلز پارٽي 2008 کان مسلسل اقتدار ۾ رهي آن اقتدار دوران ڪيترن ئي ماڻهن کي نوازيو ويو پر شهيد شاهجهان قريشي جي فيملي ڪنهن کي به ياد نه آئي شهيد شاهجهان قريشي جي والد لالا عبدالستار قريشي چيو ته شهيد شاهجهان قريشي جي فيملي لاءِ نوڪري ته پري پر مفت تعليم جي به سهولت نه ڏني وئي مسلسل 14 سالن کان پنهنجي ٻچڙن جي تعليم لاءِ سي ايم سنڌ ۽ ٻين چونڊيل نمائيدن کي وقتن به وقتن درخواستون ڏيندو رهيو آهيان پر اسان جي درخواست پڙهڻ جو به هنن وٽ وقت ناهي 2018 ۾ اسپورٽس فنڊ لاءِ درخواست ڏني ان تي به عمل نه ٿيو اپريل 2019 ۾ ڪراچي پريس ڪلب تي پنهنجن جائز مسئلن لاءِ احتجاج ڪيو ايم اين اي سردار رفيق احمد جمالي احتجاج ختم ڪرايو ۽ چيو ته توهان جائز مسئلا حل ڪرائينداسين پر افسوس جو 3 سال گذري ويا پر شهيد شاهجهان قريشي جي فيملي سڀني کان وسري وئي آهي تازو ئي بلاول ڀٽو کي اين شاهه آيو پر ڪيس ڪنهن به پارٽي اڳواڻ شهيد شاهجهان قريشي جي فيملي کي ان سان ملايو سي ايم سنڌ وٽ شهيد شاهجهان قريشي سان ملڻ لاءِ 5 منٽ به نه آهن 14 سالن ۾ شهيد شاهجهان قريشي جي فيملي لاءِ هنن کي 5 منٽ به ناهن جو هي انهن سان ملي ڪيس جائز مسئلا ٻڌن شهيد شاهجهان قريشي جي فيملي جا پير مظهر ،نثار کهڙو، سردار شاهه ،پير مجيب ،ويرجي ڪولهي،شميم ممتاز ،شهلارضا ، ناصر شاهه ، فريال تالپر ،سي ايم سنڌ سميت دادو جا سڀ ايم اين ايز ۽ ايم پي ايز مجرم آهن جن جاتي

واڻي مختلف وقتن تي ڪيس شهيد شاهجهان قريشي جي فيملي کي وساري ڇڏيو ۽ نظرانداز ڪيو شهيد شاهجهان قريشي جي فيملي جا حوصلا اڄ به هماليه جي جبل جيان مضبوط آهن ڪيس بلدياتي اليڪشن ڪانپوءِ بلاول هائوس ۽ سنڌ اسيمبلي آڏو پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرائينداسين

بقايا 26 سنڌيار

قتل ڪيو آهي ۽ انهن جو وڌيڪ چوڻ هو ته سندن پيڻ کي انهن جوابدارن قتل ڪيو آهي ۽ ان جي خون کي لوڙهڻ لاءِ خودڪشي جو رنگ ڏنو پيو وڃي احتجاج ڪندڙن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي گهوٽڪي کان مطالبو ڪندي چيو ته سندن پيڻ جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري ساڻن انصاف ڪيو وڃي ٻي پاسي ايس ايچ او عادلپور قابل پيو پاران رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته مقتولا جي عورت جو قتل ڪيس سندس ڀي محمد حنيف چاچڙ جي فرياد تي مقتولا عورت جي مڙس محمد صالح ڏير طارق چاچڙ سميت پرويز چاچڙ ذوالفقار چاچڙ مٿان داخل ڪيو ويو آهي جڏهن پوليس پاران مقتولا عورت جي مڙس محمد صالح کي گرفتار ڪيو ويو آهي ۽ جلد ٻين جوابدارن کي به گرفتار ڪيو ويندو

بقايا 27 سنڌيار

شاعري ۽ زندگيءَ تي ڳالهايو ويو ڳالهائڻ وارن ۾ سنڌ جي نالي وارن دانشورن حصو ورتو جن ۾ جامي چانڊيو ، تاج جويو ، نصير مرزا ، سيد منير شاهه ، غلام نبي سومرو ، راشد لکمير ، منتظر سومرو ، اقرار پيرزادو ، ستار سندر ، بخشل باغي ، پروانو سومرو ، غلام رسول چانڊيو ، الطاف مگسي ۽ منور سراج شامل هئا جن کي اسٽيج سيڪريٽري ماڻڪ ملاح ترتيب وار اسٽيج تي گهرائڻ بعد ڳالهرايو جن الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته مير محمد پيرزادي جي شاعري جديد دور جي پڻ عڪاسي ڪري ٿي سنڌس شاعريءَ مان ڪوڙ سارا پاسا نڪرن ٿا جن مان نوجوانن کي سکڻ گهرجي هنن چيو ته جن مير محمد پيزادي مان سکيو آهي آهي به ڪمال جا شاعر ۽ ادب دوست آهن جنهن مان ثابت ٿئي ٿو مير محمد پيرزادو صديءَ جو بهترين شاعر هو هنن چيو ته رت جي رشتن کان انسيت ، انسانيت ، تصوف ۽ پيار جو رشتو وڌيڪ سگهارو آهي اسين خوش نصيب آهيون جو مير محمد پيرزادي سان اسان جو اهوئي رشتو آهي باقي رت جي رشتن کي هڪيئي کي چپيائي . مارينديءَ ۽ نفرتن جا ٻج ڇٽيندي ڏنو آهي هنن اهو به چيو ته مير محمد پيرزادو عام زندگيءَ ۾ ٿور ڳالهايو هوندو هو پر جيڪو به ڳالهائيندو هو ان ۾ ڪمال جا گفتا هوندا هئا سندس طبيعت به نفيس ۽ لطيف هئي اسين سمجهون ٿا ته اهوئي سبب هو جو هن شاعري ۾ چونڊ به گيتن جي ڪئي ان کان اڳ ميزبان محمد حنيف سومرو آيل مهمانن جا ٿورا مڃيندي ڪين پليڪار پڻ ڪئي ان موقعي تي محمد صالح ڪيريو ، اياز مهر ، معشوق ڏاريجو ، علي نواز ڏاهري ، سائل پيرزادو ، سميت ڪيترن ئي اديبن ، شاعرن ۽ صحافين شرڪت ڪئي آخر ۾ مٿين سمورن مهمانن ڪتاب "مون پريان سين نيهن "جي مهورت ڪئي

بقايا 28 سنڌيار

۾ اٽي جو هٽرادو بحران سبب اٽو بليڪ تي وڪرو ٿي رهيو آهي. دڪاندار اٽو سرڪاري اگهه بجاءِ پنهنجي طرفان من پسند مقرر ڪيل ريٽ 140 کان 150 تي اٽو وڪرو ڪري رهيا آهن. ٻئي طرف انتظاميه پاران عوام کي سستي اگهه تي اٽو فراهم ڪرڻ لاءِ لڳايل سرڪاري ڊپو تي عوام جون قطارون لڳل. سرڪاري ڊپوتي اٽو نه ملڻ سبب عوام ڊپو تان خالي موٽڻ تي مجبور آهي، سرڪار پاران مقرر ڪيل يوٽيلٽي اسٽور به عوام جي ڪم نه اچي سگهيا. يوٽيلٽي اسٽور تي پڻ اٽو اڻلڀ آهي، جنهن ڪري عوام اٽو مهنگي اگهه تي خريد ڪرڻ تي مجبور آهي

بقايا 29 سنڌيار

آڏو ڌرڻو هنيو. مظاهرين اعجاز ٻگهيو، ستار جمالي، ڪاشف زئونر ۽ ٻين چيو ته سنڌ ۾ اٽي جي هٽرادو ڪوٽ پيدا ڪري مسڪين مارونڙن کي پريشان ڪيو پيو وڃي. سنڌ حڪومت وٽ گودامن ۾ لکين مڻ ڪڻڪ موجود هجڻ باوجود سنڌ جو غريب ماڻهو اٽو وٺڻ لاءِ پريشان آهي هنن چيو ته هٽرادو مهانگائي ڪندڙ منافع خور رياست کان ڏاڍا ٿي عوام کي ٻنهي هٿن سان عوام کي ڦري رهيا آهن انتظاميا منافع خورن آڏو بي وس بڻيل آهي عام واهپي جي شين ۾ ڳاتي توڙ مهانگائي غريب مسڪين ماڻهن جي چيلهه ڇڃي ڪري ڇڏي آهي حڪومت ڳاتي توڙ مهانگائي ڪندڙ منافع خورن خلاف ڪاروائي ڪري غريب پورهيتن کي سرڪاري اگهه تي اٽو فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا 30 سنڌيار

شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي ۽ نوابشاهه انٽرميڊيٽ بورڊ جهڙا ادارا ناهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو صوفي يونيورسٽي ۾ وائس چانسلر مقرر ٿيڻ تي سنڌ ۾ سياسي سماجي ۽ تعليم سان واڳيل شخصيتن خوشي جو اظهار ڪيو آهي ارشد سليم جي وائيس چانسلر ٿيڻ تي نوابشاهه پريس ڪلب جي صدر مشرف علي ڀٽي ،اياز ڏاهري ،عرفان ارشد ، عمران عظيم ،جاويد ،سميت سياسي سماجي اڳواڻن مبارڪون ڏنيون ٻئي پاسي شهرين سماجي اڳواڻن سابق صدر آصف علي زرداري ، وزير صحت ڊاڪٽر ميڊم عذرا فضل پيچوهو ،ميڊم فريال تالپر کي اپيل ڪئي ته ارشد سليم کي نواب شاهه جي يونيورسٽيءَ ۾ مقرر ڪيو وڃي چو ته ارشد سليم هميشه ادارا ٺاهيا آهن ۽ ان ادارن ۾ ڊسيپلين قائم ڪيو آهي

بقايا 31 سنڌيار

داد وصول ڪيو ان موقعي تي بئريسٽر ظهيرالحسن جامڙو جي 23 ويهين سالگره جو ڪيڪ ڪاٽي ڪيس جنم جون مبارڪون ڏنيون ويون سالگره تقريب کي سنڌي ادبي سنگت شاخ راڻيپور جي سيڪريٽري گلڻ جامڙو خطاب ڪندي چيو ته ظهير الحسن ڪراچي هڪ يونيورسٽي ۾ قانون جي ڊگري مڪمل ڪري چڪو آهي پر سنڌس اندر ۾ سماج سڌارڪ انسان جو عڪس نظر اچي ٿو انسانيت جي خدمت ڪرڻ وارو جذبو موجود آهي جنهن ڪري هو پنهنجي ٻاڙيسرين جو خاص خيال رکي ٿو جي عيد جو ڏڻ هجي توڙي برساتي سيلاب ۾ هو متاثر ماڻهن ۾ راشن ڏيڻ وارين خدمتون کي هميشه جاري رکيون پيو اچي . جيڪڏهن سنڌ جو هر هڪ نوجوان ظهيرالحسن وانگي پنهنجي پنهنجي علائقي واسين جي خدمت ڪري ته جيڪر ضرورت منڊن جي ڪافي مدد ٿي سگهي ٿي سالگره تقريب ۾ فياض راجپر، ڪليم الله ڀٽي ، امير علي

شاهاڻي ، آغا انور عباسي رياض ميراڻي حيدر علي عمراڻي ، ظفرچوهاڻ ، شيرگل جامڙو ، عرفان سمون ، سيد منصور شاهه ،محسن علي شاهاڻي ، عطا جامڙو ، شهريار شاهاڻي ،عرفان جامڙو ، غلام نبي جامڙو سميت وڏي تعداد استادن شاگردن ۽ لاجي شاگرن سماجي اڳواڻن شرڪت ۽ ظهير الحسن جامڙو کي سالگره جا تحفا ڏنا

بقايا 32 سنڌيار

پ پ اميدوارن جي مان ۾ حاجن خان سريوال ۽ اڳوڻي چيئرمين محبوب خان سريوال پاران اڄيائو ڏنو ويو زاهد بشير سريوال ۽ تيمور سريوال کي بوسڪي جا پٽڪا ٻڌرايا ويا ڪين ڀرپور حمايت جو يقين پڻ ڏياريو ويو جڏهن ورڪ تي آيل سڀني ماڻهن کي اجرڪ جا تحفا پڻ پيش ڪيا ويا

بقايا 33 سنڌيار

چنو رمضان خاصخيلي حبيب زيب خاصخيلي ظاهر خاصخيلي زبير خاصخيلي ڀي ٽي الف گڏاپ جو جنرل سيڪريٽري نادر ميمڻ اسلم جونيئر ميمڻ هيندبز جي اڳواڻ خليل واڊيلو عبدالشڪور گبول ۽ ٻين اسڪول جي شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ريلي ۾ اڳواڻن ڳالهائيندي چيو ته ٻارن کي تعليم ڏياريو تعليم هڪ اهڙو زيور آهي جنهن سان جهالت جو خاتمو ۽ انسانيت جو سبق ملي ٿو تعليم جي شعور سان علائقن ۾ آگاهي ملي ٿي جتي نياڻين کي تعليم ملي ٿي ان ملڪ ۾ انقلاب اچي ٿو جنهن سان منشيات برائين کان بچي سگهجي ٿو. انهن وڌيڪ چيو ته پنهنجي ٻچن جو مستقبل سنواريو تعليم جي زيور سان پنهنجي علائقن ۾ تعليم جي روشني سان مستقبل جو ڏيو ٻاريو تعليم سان ترقي ملي ٿي جهالت جي رستي کان پري رهي ٿو پنهنجي ٻارڙن کي تعليم ڏياري سٺو انسان بڻايو اڄ جاڳرتا مهم امن جو پيغام ڏيئي واعدو ڪريون ته تعليم کي عام ڪري مستقبل جو مشعل ٻاريون ۽ جهالت کي ختم ڪري نئين راهه هموار ڪريو

بقايا 34 سنڌيار

دوائون چشما آپريشن سان گڏ ڪاڌي پيتي ۽ رهائش ۽ جون مفت سهولتون ڏنيون ويون فري ڪيمپ جي ٽئين ڏينهن امريڪي پاڪستاني پبلڪ افيئرس ڪميٽي ۽ چلڊرن آف آدم پاران برسات متاثر عورتن لاءِ الگ الگ 2 ويون تقريبون منعقد ٿيون . جنهن جا ڊپٽي ڪمشنر خيرپور شرجيل نور چنا ايس ايس پي خيرپور مير روحل خان کوسو اپيڪ جو چيئرمين ڊاڪٽر طارق ابراهيم ۽ بول نيوز جو چيف آفيسر فيصل عزيز خان . تقريبن جا مهمان خاص هيا تقريب ۾ ايم ٽي اي جي مرڪزي اڳواڻن حاجي منير احمد آرائين، حاجي عبدالمجيد آرائين، ياسر يونس آرائين ۽ احد منير آرائين سيني آيل مهمانن کي پليڪار ڪيو ۽ آيل مهمانن کي سنڌ جا ثقافتي تحفا پيش ڪيا ۽ ڪيمپ جو دورو ڪرايو. ان موقعي تي ڪيمپ ۽ ٻوڏ متاثرن ۾ امدادي ڪمن بابت تفصيلي بريفنگ پڻ ڏني وئي ۽ متاثر 300 کان وڌيڪ عورتن ۾ گرم ڪپڙا ورهايا ويا ۽ ڪيمپ جي آخري ڏينهن تي گڏيل طور تي دعائي خير پڻ ڪئي وئي. جڏهن ته ڊاڪٽر ملڪ محمد افضل ،ملڪ ڊاڪٽر خليق الرحمان آرائين ،ڊاڪٽر محمد بلال ،ڊاڪٽر عبدالقادر مهر ،ڊاڪٽر الله ڏنو ،ڊاڪٽر عدنان ۽ ٻين ڪئمپ ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر شير جيل نور چنا، ايس ايس پي روحيل خان کوسو، ڊاڪٽر طارق ابراهيم ۽ فيصل عزيز خان پنهنجي تقريرن ۾ ڪيمپ ۾ فراهم ڪيل سهولتن جي واکاڻ ڪئي ۽ چيو ته برسات متاثرن سميت غريبن ۽ مسڪينن جي خدمت ۾ ڀرپور حصو ورتو آهي. اهڙا انسان دوست اسان جو سرمايو آهن. حڪومت اڪيلي سر ڪجھ نٿي ڪري سگهي، تنهن ڪري مخير حضرات کي گهرجي ته قدرتي آفتن ۽ حادثن جي موقعي تي فلاحي ڪمن ۾ حڪومت جو هٿ ونڊايو ڪيمپ ۾ شهر جي مخير حضراتن پاران ڪيئمپ ۾ مريضن لاءِ ڪاڌي پيتي جو انتظام ڪيو ۽ شهر جي مختلف هنڌن تي بينر پڻ لڳايا ويا. ان موقعي تي سيڪيورٽي جا پڻ انتظام ڪيا ويا هئا. ان موقعي تي پوليس جو جوانن سان گڏ اسڪائوٽ جو نوجوانن به پنهنجا فرض سرانجام ڏنا ڪيمپ ۾ . خيرپور سميت سکر نارو آر ڊي 186 صالح پٽ نوشهروفيروز گهوٽڪي لاڙڪاڻو ڪنڊرا ٻيرلوءِ ۽ ٻين شهرن ۽ ڳوٺن مان مريضن جي اکين جو معائنو ڪيو ويو ۽ آپريشن ڪيو ويو ڪئمپ ۾ سياسي، سماجي، ڪاروباري شخصيتن، ادبي صحافين. اسڪائوٽس گروپس ليڊرن سميت معززين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. ۽ دورو ڪيو ۽ ايم ٽي اي جي خدمتن کي ساراهيو....

بقايا 35 سنڌيار

اٽو 130 کان 160 روپين تي وڃي پهتو. ماهوار ڪوٽا ونندڙ فلور ملز ۽ اٽي چڪي مالڪان به اٽو 120 کان 150 روپين ۾ وڪرو ڪرڻ لڳا. شهر اندر 5 فلور ملز ۽ متعدد اٽي چڪي مالڪان سرڪاري ڪوٽا ڪڻڪ باوجود هڪ ڪلو اٽو به سرڪاري اگه تي وڪرو نه ڪيو. اسان ڊي ايف سي آفيس مان ڪڻڪ جي في بوري تي 2 هزار روپيا رشوت ڀري ماهوار ڪوٽا وٺون ٿا. ته پوءِ اسان اٽو چو سرڪاري اگهه تي ڪپايون. فلور مل ۽ اٽي چڪي مالڪن جو موقف تفصيلي رپورٽ موجب سيٺارجا ۾ اٽي جي اگهن ۾ ڳاتي توڙ اضافو غريب عوام 2 ويلاماني کپي جي لاءِ پريشان آهي جڏهن ته سنڌ حڪومت اربين روپيا سبسڊي ڀري خوراڪ کاتي خيرپور جي معرفت هر مهيني سيٺارجا جي مختلف 5 فلور ملز ۽ اٽي چڪي مالڪن کي مقامي علائقي جي ڪوٽا طور ماهوار هڪ هزار مڻ ڪڻڪ کان وڌيڪ سرڪاري اگه تي فراهم ڪري ٿو مگر فلور ملز ۽ اٽي چڪي مالڪان اها سرڪاري اگه تي فراهم ڪيل ڪڻڪ جو ڪڏهن به شهر يا ٻهراڙين ۾ استال ناهي لڳايو نه وري پنهنجي ملن تي ڪنهن به مسڪين کي هڪ ڪلو اٽو به سرڪاري مقرر اگه تي ڏنو آهي ۽ سرعام 130 کان 160 روپين ۾ وڪرو ڪري رهيا آهن. فلور مل مالڪان ۽ اٽي چڪي مالڪان هڪ هٽي قائم ڪري ورتي آهي جنهن ڪري سرڪار پاران مقرر اگه تي تاحال عمل ناهي ٿي سگهيو. شهري توڙي ٻهراڙيءَ جو پوروهيت طبقو سستو اٽو خريد ڪرڻ لاءِ فلور ملن ۽ اٽي چڪين تي دربدر ٿيندي نظر اچن ٿا. ان سلسلي ۾ ضلعي ۽ تعلقي ميرواهه انتظاميا اڳهور ننڊ ستل آهي جنهن سبب سرڪاري پاران پريل اربين روپين واري سبسڊي جو غريب عوام کي ڪو به رليف ناهي ملي سگهيو اها ڪروڙين روپين جي ڪرپشن جو ڪمايل ناجائز پئسو فلور مل مالڪن ۽ اٽي چڪي مالڪن سميت خوراڪ کاتي جي ڪامورن جي پيٽ ۾ هليا وڃن ٿا،ان سلسلي ۾ سيٺارجا ۾ قائم چڪي مالڪن طرفان اهو پڻ انڪشاف ڪيو ته اسان في بوري تي 2 هزار روپيا رشوت ڀري ڊي ايف سي آفيس خيرپور مان ڪڻڪ ڪٽي اچون ٿا پوءِ اسانجي مرضي آهي اٽو ڪيتري به اگهه تي ڪپايو اسان کان ڪير به پڇڻ وارو نه آهي،جڏهن ته هن سلسلي ۾ انتظامي عملداري اي سي ،مختيار ڪار سميت ڪنهن به فلور ملن کي ان سلسلي ۾ پابند ناهي بڻايو ويو ته توهان جڏهن سرڪاري ريٽ تي ڪڻڪ خوراڪ کاتي کان وٺي رهيا آهيو ته پوءِ مهانگو اٽو چو کپائي رهيا آهيو هتان جي غريب عوام سنڌ حڪومت کان گهر ڪئي ته فلور مل مالڪن خلاف ڪاروائي ڪري غريبن تائين سستو اٽو مهيا ڪيو وڃي هئي طرف سيٺارجا شهر اندر اهيو پڻانڪشاف ٿيو آهي ته سيٺارجا شهر ۾ 5 فلورملن ڪيڊي ايف سي پاران هر مهيني 96 ٻوريون ڏنيون وينديون آهن جن مان صرف به فلور ملون هلندڙ آهن باقي تي فلور مل مالڪن پاران سرڪار کان ورتل ڪٽڪ واپارين کي وڪرو ڪئي پئي س

بقايا 36 سنڌيار

اعجاز حسين شاهه بخاري پڻ خصوصي طور شرڪت ڪئي ان موقعي تي تعليم کاتي جي ضلعي عملدارن ، پ ٽ الف عهديدارن توڙي استادن ۽ سول سوسائٽي جي نمائيندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ريلي سان خطاب ڪندي ايم پي اي سيد اعجاز حسين شاهه بخاري ، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر ايليمينٽري سيڪنڊري سيد اڪبر شاهه ، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري حاجي عبدالوهاب نظاماڻي ، چيف مانيٽرنگ آفيسر عبدالحليم لغاري ، پ ٽ الف اڳواڻ حاجي شفيع محمد سنيو ، تعلقه ايجوڪيشن آفيسر راجا نثار ميمڻ ، سماجي اڳواڻ ايڊوڪيٽ واجد نوتڪاڻي ، سابق ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر حاجي اشرف ميمڻ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته تعليم جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ اسان سڀني کي وس آهر ڪوشش ڪرڻ گهرجي حڪومت سنڌ مفت تعليم فراهم ڪري رهي آهي اچوڪي ريلي جو مقصد عوام آڏو اها واضح ڪرڻ آهي ته اسين سرڪاري اسڪولن جي مالڪي ڪريون ۽ تعليم جي بحالي لاءِ هر ممڪن سهڪار ڪريون استادن تي پڻ فرض آهي ته هو جهر جهنگ ۾ هنن ٻارڙن کي اسڪولن ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جيڪي ڪن سببن جي ڪري تعليم جي حاصلات کان محروم بڻيل آهن . حڪومت سنڌ جي پاليسين تحت تعليم جي بهتري لاءِ اسان سڀني کي گڏجي اڳتي وڌي معاشري ۾ تبديلي آڻڻ لاءِ تحرڪ وٺڻو پوندو تنڊومحمدخان ۾ تعليم جي شرح ۾ واڌاري لاءِ پڙهندي سنڌ وڌندي سنڌ جي سري هيٺ ڊسمبر کان تحريڪ هلي رهي آهي جنهن تحت هزارين ٻارڙن کي تعليمي سهولتون فراهم ڪري رهيا آهيون پر هي جدوجهد سموري سال جاري رهندي ۽ اسان جو عزم آهي ته سال 2023 ۾ تنڊومحمدخان جي جهر جهنگ ۾ ٻارڙن کي خاص ڪري نياڻين کي تعليم ڏيارڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا سين ان موقعي تي پ ٽ الف اڳواڻ عارف قريشي ، شاهنواز مهر ،غلام حسين ڪاٽيار ، اسلم رونجهو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

بقايا 37 سنڌيار

۽ پوليس اهڪار مقرر ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو آهي سکر جي آباد ٿاڻي جي حد سوسائٽي جي پوليس چوڪي تي طاهر ڪوسو سائيٽ ايريا ٿاڻي جي حد سبزي منڊي پوليس چوڪي تي نواب ماڪو. سائيٽ ٿاڻي جي حد گوليمار چوڪي تي پوليس اهلڪار ۽ نيوپنڊ ٿاڻي جي حد ماءِڪرو ڪالوني پوليس چوڪي تي پوليس اهلڪار عمران ڪوسو اڙ پورٽ ٿاڻي جي حد سعيد آباد پوليس چوڪي تي بهرام بداڻي سميت ڪيترن پوليس چوڪن تي پيراڊو ۽ پوليس اهلڪار انچارج بڻيل آهن جن کي اين سي داخل ڪرڻ نه ٿي اچي ايس ايس پي سکر پوليس اهلڪارن ۽ پيراڊن کي سکر ضلعي جي پوليس چوڪن تي انچارج مقرر ڪري ڇڏيو آهي ذريعن جي ڄاڻ موجب اهي چوڪن تي مقرر ٿيل ڌوهارين جا سهولتڪار بڻيل هڻ جو انڪشاف ٿيو آهي اهو ب ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ته اهي ڌوهارين ۽ منشيات فروشن توڙي سماجي براين ۾ ملوث آهن انهن جي سرپرستي ڪري رهيا آهن اهڙي طرح سبزي منڊي چوڪي انچارج نواب ماڪو جا سبزي منڊي اندر آڪڙا پرچي جا 2 دڪان ناصر ماڪو هلائي رهيو آهي جيڪو هن جو ويجهو مائٽ آهي ۽ ڪليم عرف ڪلو ماڪو ماڪا ڳوٺ ۾ 2 وڏا دڪان آڪڙا پرچي جا آهن جن ۾ هڪ پاءِ ۽ ناصر ماڪو سالو اٽس سکر جي ڊگري ڪاليج سکر جي پنين پاسي پرنسپال جي آفيس آڏو طاهر ماڪو جمع جي پلاڙي ڏينهن تي چڪوجي وڏي راند لڳين رهين جي هلائيندو آهي پوليس اهلڪار ۽ سبزي منڊي چوڪي انچارج نواب ماڪو سبزي منڊي ۾ ايراني تيل هلائيندڙن جي ب سرپرستي ڪري پيو ۽ بورڊ آفيس وٽ پڙي. سبزي منڊي اندر پڙي. گهنٽا گهر مهراڻ مرڪز چوڪ وٽ پڙيون رکائي ان تي گٽڪو پان پراگ ۽ ٻيون نشي آور شيون هلرائي ٿو جنهن جي سرپرستي سبزي منڊي چوڪي انچارج نواب ماڪو خود ڪري رهيو آهي اهڙي طرح آباد طاهر ڪوسو سوسائٽي اندر رات جو هوٽلن تي آئيس نشو هوم ڊليوري ڪرائڻ ۾ اڳيرو آهي سعيد آباد چوڪي انچارج بهرام بداڻي ڪچي جو سرڪاري ڪاٽ ڪترائي ڪاٺيون پٺاڻن کي وڪرو ڪري پيو نيو پنڊ ٿاڻي جي حد اندر ماءِڪرو ڪالوني چوڪي انچارج عمران ڪوسو ڳوٺ بلاول ڪوسو ۾ رزاق ڪوسو ۽ ٻين جي سرپرستي ڪري رهيو آهي جيڪي منشيات فروش آهن جن جا ڳوٺ اندر ڪچي شراب جون ڀٽيون ۽ هيرون وڪرو ڪري رهيا آهن ۽ ماءِڪرو ڪالوني جي حد اندر آڪڙا پرچي سري عام هلائڻ جي کلي ڇوٽ ڏني ڇڏي آهي اهڙي طرح مقرر ڪيل پيراڊو ۽ پوليس اهلڪار چوڪن جا مالڪ بڻيل آهن ضلعي اندر ڌوهارين ۽ منشيات فروشن جا ساٿاري سڏجن ٿا پر ايس ايس پي سکر سنگهار ملڪ جا ڪمائو پٽ هڻ ڪري انهن کي ڪير ب هٽائي نٿو سگهي سياسي سماجي سڃاڻ ڌرين آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ ڊي آءِ جي سکر جاويد احمد جسڪاڻي کان مطالبو ڪندي چيو آهي ته پوليس چوڪن جي پوليس اهلڪارن پيراڊن کي هٽائي اتي اي ايس آءِ کي مقرر ڪيو وڃي جيءَن هو عوام کي لڳ ڏئي سگهن مقرر ٿيل پوليس اهلڪار ۽ پيراڊو ڌوهارين جا سهولتڪار بڻيل آهن انهن جي جاچ ڪري انهن مٿان قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي